

# سچا ٻول صادق جا

## شاعر: صادق علي ملڪ

پاران: سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سچا بول صادق جا

## نعتيه شاعري

مصنف: صادق علي ملڪ

0331_3608013

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# حق ۽ واسطا


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سچا ٻول صادق جا |
| موضوع | : | نعتيہ شاعري |
| شاعر جو نالو | : | صادق علي ملڪ |
| سال | : | 2021ع |
| قيمت | : | 250 |
| ڇاپو | : | پهريون |
| تعداد | : | 1000 هزار |
| ٽائيٽل | : | ثناءُ الله ٻيٽي |

ڪمپوزنگ: ڪريم بخش ملڪ (نعت خوان)

0333_7178436, 0300_2553132

پروف ريڊر: دلبر صادق ملڪ(نعت خوان)

0331_3483783, 0305_3739348

ڇپيندڙ: ماڪا پرنٽنگ پريس حيدر آباد

0303_2075932

پارا: سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

الله تبارڪ وتعاليٰ جا ڪروڙين ڪرم اڻ ڳڻيا احسان ان پاڪ پالڻهار رازق رب رحيم جو شڪر بجا آڻڻ واجب آهي، جنهن مون جهڙي ادنيٰ انسان کي علم جي ذوق شعر و شاعري سگهڙائپ جي فن ۾ فڪر سان ڪجهه نه ڪجهه نوازيو آهي. ننڍپڻ کان ئي نظر ڏاڍو وڻندو هو. شعور جي عالم ۾ سنڌ جي مايا ناز پلوڙ شاعر عاشقِ رسول مدح خوان حاجي غلام نبي مهيسر رحمة الله عليه جي نعتيه شاعري مولود شريف ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو ميسر ٿيو. مون تي سندن جي شاعري جو ايترو اثر ٿيو جو لفظن ۾ بيان ڪري ڪونه ٿو سگهان. حاجي غلام نبي مهيسر رحمة الله عليه جي مشهور نعت شريف:

مصطفيٰ شان اوهان جو شاهي آ،
اڄ تائين اهڙي رب تو جهڙي،
تصوير نه ڪنهن جي ناهي آ

داور جا ديدار اوهان مان
آيا نظر انوار اوهان مان
توکي ڏنو جنهن رب کي ڏنو تنهن
ڏني قرآن گواهي آ

شاعري ذات پات رنگ نسل مانَ مرتبي جي محتاج نه آهي، حاجي غلام نبي مهيسر صاحب جي انهيءَ نعت شريف دل جون دريون کولي ڇڏيون. مون به پنهنجي ڪم عقلي آهر حبيبن ڪريمن جي محبت ۾ ان پيڙيءَ وانگر يوسف عليه السلام جي خريدارن ۾ نالو ڳڻائڻ خاطر نعتيه شاعري لکڻ شروع ڪئي. آءُ نڪو اديب آهيان نه ئي وري لکڻ ڏانءُ ڏينم. بس! چند جملا پيار ۽ محبت وچان تحرير ۾ آڻي رهيو آهيان. وڏيون ڪرم نوازيون ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مشفق مهربان شفيق استاد گل حسن "گل "ملڪ صاحب جون جنهن مون جهڙي بي افعالي بيڪار بندي گندي کي ادبي دنيا ۾ شاعرن ۾ سگهڙن جي سٽ سان سلهاڙيو.

حقيقت ۾ آءُ ته ٽڪوئي نه لهان، استاد سائين جي شفقت محبت پنهنجائپ اها راهه ڏيکاري جنهن جي آءُ لائق بہ نہ آهيان.استاد مهربان جون اهي مهربانيون احسان لاهي ته ڪو نه ٿو سگهان پر تاحيات ڳائيندو رهندس.

ٿورا مَ ٿورا، مون تي مارو ئڙن جا
تر ۾ واري ٿورڙي، تني گهڻيرا
پلايون پيرا، ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا

استاد گل نہ رڳو منهنجي شاعري جي اصلاح ڪئي بلڪ منهنجي ذهني اصلاح ڪري مون تي عظيم احسان ڪيو آهي. اولياءَ الله جي محبت مرشدن ڪريمن سان عقيدت ۽ محبت اندر جي انسان کي بيدار ڪري حق ۽ سچ عشق جي ڳالهہ قلم جي نوڪ تي نروار نعتيہ صورت ۾ سهيڙڻ شروع ڪيم. منهنجي مرشد و مربي صاحبِ سجاده نشين خانقاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف حضرت پير سائين عبدالخالق قادري دامت برڪاتہ جي دعائن سان مون ننڍڙي نعت گو شاعر جي شاعري محبوب ڪريم مديني واري مير جي مايہ ناز نعت خوانن حاجي عبدالحق طاهري، حاجي گل محمد مهر، قربان علي ناريجو، بدرالدين سومرو، عبدالرحيم عزمي ۽ ساٿي، حاجي خان محمد چاچڙ، بيدار بخشل چانڊيو حسيني، علي شير حيدري، ڪريم بخش ملڪ، امام بخش عجمي ، محمد قاسم رضا قادري، محمد اسلم مهر، عبدالمجيد قادري، حافظ محمد علي ڪوسو، حافظ عبدالغني ڪوسو، برڪت علي نصيراڻي، عبدالنبي بنگلاڻي هزارو فقير قادري، فقير صدرالدين نصيراڻي حسيني، محمد يعقوب اوڏاڻو محمد ابراهيم شيخ، فقير محسن علي قادري، فقير محمد موسن نصيراڻي، پورل فقير قادري، فقير الطاف حسين قادري چولياڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مير حســـن ملڪ، معشــوق علي ملڪ، دلبر علي قــادري ۽ ٻين مداحين سگهورن پنهنجي سريلي ۽ سلوڻي آواز ۾ منهنجي لکيل شاعري التجا ڳائي منهنجي حوصله افزائي ڪئي ۽ حافظ الملت ڪانفرنس پرچونڊي شــريف جي موقــعي تي پڙهيل مقــالن ۽ شــاعري جو ڪتاب حــافظ الملت 5 نمبر ۾ شــاعري شــايع ٿــي ۽ طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا طرفان نعتيه شــاعريءَ تي مشـــتمل سائين مخدوم جميل الزمان صديقي پاران سهيڙيل ڪتاب "شانِ مصطفيٰ" ۾ به منهنجي هڪ نعت شريف:

ڪائنات قادر آ بڻائي، صرف تنهنجي ئي ڪري،
نور جي تي روشنائي، صرف تنهنجي ئي ڪري،

شــايع ٿيل آهي ۽ سگهڙن جي تنظيم "ســلات" طرفان سگهڙن جي سينگار شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب" سهڻل جا سينگار" ۾ آقــاءِ دوجهان جي عشــق ۾ محبــت ۽ عقــيدت جو اظهار ڪيو اٿــم. سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽري ۾ بـــ شـــاعري شـــامل آهي. اســـتاد ۽ مرشـــد ڪريم جي دعائن ســـان ڪافي ميڊل سرٽيفڪيٽ ۽ پي ٽي وي جا پروگرام ۽ مختلف چئنلن تي فن جو اظهار ۽ ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ حيدر آبــاد ۾ شــاعري پڙهي وئي. نعتيه شــــاعريءَ کي ڪتاب جي صورت ۾ آڻڻ جي صلاح منهنجي پياري شاگرد ڪريم بخش ملڪ مداهي ۽ فرزند محمد شــــفيق عرف دلبر علي (نعت خوان) جي پر اســـــرار ذوق شوق، چاهه چاهت عشق کي اتســاهيو. منهنجي سستي ۽ ڍلائپ ڏسي ســهيڙيل شــاعري منهنجي پياري شــاگرد ڪريم بخش ملڪ مون کان وٺي پنهنجي هڙان وڙان پاڻ خرچ ڪري سمورو مواد ڪمپوز ڪري ڪتــاب لاءِ تيار ڪري ڪٺي آيو. مان دعــاگو دل سان شــڪر گذار آهيان جو هن ســچي ۽ ڪري بــاوفا بــاڪردار دوست جي حــيثيت ســان ســاٿ ڏنو. الله ســائين مٿس رحمتون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برڪتون عطا فرمائي. هن بابرڪت ننڍڙي ڪتاب ۾ حمدِ باري تعاليٰ، نعتِ رسول مقبولﷺ شانِ حضرت عليؓ، خلفاء راشدينؓ رمضان شريف جي شان ۾، بغداد شريف جي بادشاهه پيران پير دستگير جي حضور ۾ نذرانه عقيدت، حضرت حافظ الملت جنيد وقت حافظ محمد صديق باني ڀرچونڊي شريف جي شانِ اقدس ۾ عاجزانه نذرانه عقيدت ۽ محبت، شاعرن جي سرتاج لاڪيٽي لال لطيف سائين جي شان ۾ نذرانه عقيدت ۽ لوڪ شاعري ۾ سينگار، ڏهس، ڀهاڪا، ڳجهارت، ٽِڪِٽا بيت گلاب جي گل جيئان سهڻيا آهن. ڪجهه شاعري بلوچي زبان ۾ به ڪئي آهي. شال منهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوش ادب دوستن کي پسند اچي. مان بيحد شڪرگذار آهيان استاد سائين گل حسن گل ملڪ صاحب جو سائين جن منهنجي نعتيه شاعريءَ جي ڪتاب "سچا ٻول صادق جا" جو مهاڳ لکي مون تي عظيم احسان ڪيو آهي ۽ مان نهايت ئي ٿورائتو آهيان سنڌ جي سڄاڻ سگهڙ ليکڪ ۽ محقق (سلات) جي باني و چيئرمين عاجز رحمت الله لاشاري صاحب جن جو جنهن منهنجي تخليق تي احساسي نوٽ لکيو. ڪروڙين قرب اڪٽيا احسان صدارتي ايوارڊ يافته ناليواري اديب شاعر ۽ نعت خوان محترم سائين عبدالرحيم عزمي صاحب جا جنهن پيار ۽ پاٻوهه وچان منهنجي تخليق تي ويچار وندڀا. مان تهه دل شڪرگذار سهڻي سائين فقير محمد محسن قاسمي صاحب جو آهيان جنهن سهڻي سرڪار مدني تاجدار جي پاڪ نگري مديني پاڪ ۾ ويهي ڪري منهنجي شاعريءَ تي مدبرانه انداز سان ويچار وندڀا آهن مان ٿورائتو سنڌ جي مايه ناز نعت خوان حاجي گل محمد مهر جو آهيان جنهن منهنجي شاعري تي خيالن جو اظهار ڪيو آهي مان تمام سڄڻن جو شڪرگذار ۽ احسانمند آهيان جو مون جهڙي ڪم عقل ابوجهه انسان جي تخليق تي سهڻيون سٽون لکي مون تي عظيم احسان فرمايو آهي. مونسان جن پرين پيارن شاگردن ۽ دوستن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"سچا ٻول صادق جا" سهيڙڻ ۾ سات ڏنو ۽ پنهنجي مفيد مشورن سان نوازيو انهن ۾ مان سڀ کان پهريان پنهنجي پياري شاگرد نعت خوان فقير ڪريم بخش ملڪ قادري جو دل سان هڪ ڀيرو وري شڪر گذار ۽ ٿورائتو آهيان.ان سان گڏوگڏ مولانا محمد حاڪم ٽانوري قادري، مولانا محمد اڪرم قادري، حافظ محمد عاصم، حافظ محمد رمضان ٽانوري الله ڏنو ملڪ، مير حسن مير ملڪ ساگر سونو ملڪ، اقبال عادل مهر، ڪوڙل ٻمبل، اويس صادق ملڪ عرف دلربا، عرفان علي ملڪ، دلبر علي ملڪ، معشوق علي ملڪ، جلال جاني شيخ ڪامريڊ گلبهار جعفري، فرمان علي ڪوسو، محسن علي بنگلاڻي قادري، فقير الله بخش ملڪ، اختر حسين ملڪ جن جو احسانمند ۽ ٿورائتو آهيان.

يقينن ڪميون ڪوتاهيون گهٽيون هونديون پنهنجو سمجهي منهنجي رهنمائي ۽ اصلاح ڪرڻ فرمائيندا.لک لائق وڏا ورڻ.

اوهان جي نيڪ دعائن جو طلبگار


فقير محمد صادق ملڪ(ڳوٺ ڏياڻي)

پي او ڪرمپور تعلقہ ٺنگواڻي، ضلع ڪشمور

03313608013/03053739348




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مهاڳ

هيءَ ٻونءِ ٻلاري ٻنائيءَ واري سنڌ سونهاري صدين کان وٺي علم، ادب ۽ ڏاهپ جو مرڪز رهي آهي. هن ڌرتيءَ تي ڪيترائي ڏاها ذات ڌڻي پيدا ٿيا ۽ ٿيندا پيا اچن. اهي سگهڙ شاعر، اديب ۽ دانشور ئي آهن جن نفرتن جي ولين کي وڍي امن، ڀائيچاري، پيار پاٻوهه ۽ پريت جا وڻ پوکي سنڌ سڄي سينگاري ۽ سنواري آهي. اهي سنڌ تي ۽ سنڌ انهن تي هميشه ناز ڪندي رهي ٿي. اهڙن انمول موتين منجهان ڪشمور ضلعي جو سُلڇڻو سباجهڙو، نعتيه شاعر، دُرويش صفت، نيڪ نمازي، محبتي ماڻهو، عاشق رسول ﷺ ۽ سنڌ جو سڄاڻ سگهڙ صادق علي ملڪ به ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. صادق ملڪ 1-6-1973ع تي ڳوٺ مير مهراڻ خان بجاراڻي (ڏياڻي) پوسٽ آفيس ڪرمپور، تعلقه تنگواڻي ضلع ڪشمور ۾ جنم ورتو. جڏهن هن 9 ڊسمبر 1989ع ۾ منهنجي هڪ مرحوم شاگرد مولا بخش "آسي" چولياڻي سان گڏجي سگهڙائپ جي ڳاني ٻڌرائڻ جو رنگ رچايو هو ته ان وقت هن جي عمر سرٽيفڪيٽ موجب 16 سال ڇهه مهينا ۽ 8 ڏينهن هئي اها رسم مرحوم شاگرد مولا بخش "آسي" چولياڻي جي اوطاق تي ڏياڻيءَ ۾ ئي ادا ڪئي وئي هئي. جڏهن مولا بخش مولا سائينءَ کي پيارو ٿيو ته هي اڪيلڙو، اباڻڪو ٻٽجي لوڪ ادب جي ڪيڙي ڪيڙيندو رهيو ۽ پنهنجي ڪيل شاعري سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ مون وٽ مبارڪپور کهي ايندو هو. بعد ۾ هو برڪ سگهڙ شاعر ليکجڻ لڳو. اهو ئي سبب آهي جو ڪريم بخش ملڪ جهڙا محبوب نعت خوان، سگهڙ شاعر هن جا شاگرد بڻيا. پر ڳالهه صادق جي ڪبي ته واقعي هو صادق بڻيو جو اڄ هو "سچا ٻول صادق جا" نالي هڪ لوڪ شاعري جو ڪتاب تيار ڪري صاحب ڪتاب بڻيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صادق سنڌ جو سيبتو ۽ سچاڻ سگهڙ شاعر آهي.هن لوڪ ادب جي سيني صنفن تي خوبصورت ۽ خوب لکيو آهي.هن جو خيال هو تہ في الحال نعتيہ شاعريءَ جو مجموعو ڇپرايان پر هن کي سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جي باني چيئرمين عاجز رحمت الله لاشاري ۽ آءُ مشورو ڏنو تہ اوهان پلي بعد ۾ بہ نج لوڪ شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب بہ آڻيو پر هن ڪتاب ۾ بہ نموني طور لوڪ ادب جون ڪجهہ ٻيون صنفون بہ شامل ڪيو تہ بهتر ٿيندو.تنهن ڪان پوءِ هن پنهنجي نعتيہ شاعريءَ سان گڏ واحد جي واڪاڻ ۾ حمد باري تعالي، آمد رمضان شريف، پنجتن پاڪ جي شان ۾ شاعري، چئن يارن جو شان بيان، نصيحتي بيت، مسدس، پهاڪا، ڏور، ڏهس، سينگار، صفاتي سينگار، هاڪاري ۽ ناڪاري صيغي ۾ ٽڪٽا ۽ چئوڪٽا شامل ڪري ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.ان ڪان علاوه حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، حضرت سيد شيخ عبدالقادر شاهہ جيلاني رحمة الله عليه خانقاه عاليہ قادريہ پرچونڊي شريف جي بزرگن(پنهنجي مرشدن) جي شان ۾ شاعري ۽ ڪربلا جي شهيدن کي سونهري سٽن جي پيتا، منظوم معراج جو بيان ۽ سنڌي مولودن سان گڏ بلوچ امڙ جي ٿيج ملهائيندي بلوچيءَ ۾ لکيل مولود بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن.توري بہ ڪير ڦڙي وانگر هيءَ سوکڙي صادق جي ساهہ ۾ ساندڻ جهڙي آهي.شاعر بحر وزن جي تارازيءَ ۾ سهڻي لفظن جي سهڻي تور ڪري شعر ۾ رس ۽ چس پيدا ڪندو آهي تہ وري بهترين سگهڙ بحر وزن سان گڏو گڏ تجنيس جو بہ خوبصورت استعمال ڪري ٻڌندڙن ڪان خوب داد حاصل ڪندو آهي.اهو ئي سبب آهي جو صادق هڪ بهترين سگهڙ شاعر آهي جو هن جي شعر ۾ نوس قافيہ، تجنيس حرفي، تشبيهہ ۽ استعاري جو وڻندڙ استعمال من موهيندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سگهڙ صادق صالحن جي صحبت جو سهڻو ڏس ڏيندي چئي ٿو ته:

ڏاهن سان ڏيهه ۾، پريت رک پري
اُٺي وينجهار پڌرا ويڙهي ۾، جيئن جوئر منجهه تري

جوئر جي ڪانن جا ٻه قسم ڪانگڙ ۽ تري ٿيندا آهن، ڪانگڙ ۾ رس گهٽ ۽ لوٽاڻي ٿيندي آهي، جڏهن ته تري مٺي ۽ ذائقيدار ٿيندي آهي، ڪسارا ڪانگڙ مثل ۽ سٺن ماڻهن جي تريءَ سان تشبيهه ڏنل آهي واهه!

سگهڙ صادق بغض دغا، ڪوڙ، گلا کي ڇري قرار ڏنو آهي.چئي ٿو ته: انهن بڇڙن بيمارين کان پاڻ کي آزاد ڪرڻ ته جيئن ڇري وڍيندي آهي تيئن مذڪوره برايون ايمان چٽ ڪري ڇڏيندءِ.هو چوي ٿو ته:

بغض، دغا، ڪوڙ، گلا، اُٺئي بات بري
صادق ڇڏ سني هيءَ ڇنيندڙ ڇري

حمد باري تعاليٰ ڪڙو منجهه ڪڙي جو به سهڻو سناءَ آهي ته:

تون آن قادر ڪريم، رحمان تون آن
تون آن عليم، حليم، سلطان تون آن

وري صفاتي سينگار ۾ به "ڪڙو منجهه ڪڙي" واري شاعري پڙهڻ ۽ وڻڻ وٽان آهي ته:

سڄڻ تون سهڻو تون، سهڻن جو سردار
سردار تون سرور تون، پيغمبر پڳدار

صادق ملڪ لوڪ ادب جي ڏکي صنف ڏهس ۾ به پاڻ ملهايو ۽ نيايو آهي، هن جا ڪيترائي ڏهس، ويهس لکيل آهن.پر نموني طور سينگار ۾ وارن ۽ جهڙ جو ٻٽو ڏهس پيش ڪجي ٿو:

اليهر، تليهر، وسيهر وارن سندا ونگ
ڪرن ڪيس ڪلهن تي، تجليدار ترنگ
ته ملهار مينگهه مستان ٿئي، پسي بادل رنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

درگور ڪندا ها جي نياڻيون، پرين پهچڻ سان پرگهور لڌي
نياڻين جي نہ اڄ تائين، ندامت ٿي، وه واه خدا رنگ لائي ڇڏيا

صادق جي هن ڪتاب ۾ شامل سڀني صنفن جا مثال ڏبا تہ ڳالهہ ڊگهي ٿي ويندي. بس آخر ۾ ائين چوندس تہ هي لوڪ ادب جو لاجواب ڪتاب پڙهندڙن لاءِ پيار جو پيغام ثابت ٿيدو. آمين

**گل حسن ”گل“ ملڪ**
مرڪزي صدر: سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## محمد صادق ملڪ سگهارو قلمڪار علم ادب جو ڄاڻو شاعر

اعوذ بـالله من الشـيطان الرجيم بسـم الله الرحمٰن الرحـيم
نحمده و نصلي الله رسوله الڪريم اما بعد

الله سـائين جا لک حمد شـڪر ادا ڪرڻ کان بـعد ان جي محبوب رب العالمين رسالت معاب رحمت العالمين مٺان صلوٰة سلام جا تحفه و هديه بـارگاه مقـدس ۾ پيش ڪرڻ کان بـعد اڄ هڪ موحـد ۽ محبوبـن جي غلام و عاشـق رسـول صلي الله عليه واله وسـلم تي دل چاهيو تـه ڪي معتبر الفاظ چونڊ ڪري سندن جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪجن تـه جيئن هڪ تخليقـڪار جي همت افزائي ٿـئي، اهو اسـان تي فرض ٿـو ٿـئي تـه ڪنهن قـلمڪار جو قدر ان جي قـلمي پورهئي ڪي لفظن جي ٻيـٽا ادبـي تهذيبي لفظن سـان ڏيڻ داد ڏيڻ ان لاءِ ٿـڌي دل جي دعا جي مثـل آ، هونئن بـه اسان اوهان سيـني ڏيهه ۾ ڏٺـو آ تـه هڪڙا انسان صرف ڪائڻ پيئڻ پائڻ لاءِ جنم وٺـندا آهن.هڪڙا وري انسـان مال ڌن دولت جا پوڄاري جڻ ان ڪي گڏ ڪرڻ لاءِ ڄاوا آهن. ڪجهه انسـان وري ڏڳن ڍورن جي مثـال نـه دين جي نـه دنيا جي نـه جهان نـه اسـلام جي نـه الله ۽ الله جي رسـول جي پيروي جي خبر. ۽ ڪي وري تـه ڄمندي ئي ڄام وڏو عالم لاءِ انعام تـي اڀرندا آهن.هن سـنڌ ڌرتي جي فرش تـي ڏات ڌڻين جي ڪا ڪمي ڪانهي،هت وڏا اسـلجهل سـرجڻهار عظيم مفڪر دانشور مصور شاعر اهل تصوف صاحب الڪشف ۽ ڪامل اڪمل ولي سگهورا هن ڌرتي جي گود مان جنم وٺي پوري عالم اسـلام ڪي فيض سان مستفيد ڪرڻ فرمايائون.ان ڪري هن منهنجي سهڻي سنڌ ڌرتي ڪي صوفين جي سـرزمين سـڏيو ويندو آهي ۽ هن ڌڻين واري ڌرتي ڪي دارالسـلام جي اعزاز سـان پڻ نوازيو ويندو آهي.هن منهنجي پـاڪ مقـدس مٽي مان جنم وٺندڙ هڪ ڏاهو ڏات ڌڻي شـاعر محترم سـائين محمد صادق ملڪ جن بـه آهن ،ملڪ محمد صادق جو هڪ وڏو نمايان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نالو آ. هن محبوب صفت انسان کي الله رب العزت ذات سان گڏ ڏانءُ به ڏنو آ. سائين ملڪ محمد صادق جون لکيل تخليقون مون جڏهن پڙهيون تہ مونکي يقين ٿي ويو تہ سنڌ ڌرتي ڏاهن جي ذات سان ڀري پئي آ. هي اهڙو قلمڪار آ ۽ علم ادب جو چاڻو آ فرشتي شڪل ماڻهو آ جو جڏهن حمد باري تعاليٰ لکي ٿو تہ ان سان ڀرپور طريقي سان نڀائي ٿو جڏهن نعت شريف جي صنف ۾ لکي ٿو تہ ان مان مدينہ عاليہ جي مڪين سرور ڪونين ﷺ جي خوشبوءِ اچي ٿي جا بلڪل جهرجهنگ واسجي وڃي ٿي هي اهڙو عظيم شاعر آ، جيڪو مديني واري مالڪ جي مدح سرائي ۾ ثاني نٿو رکي ۽ وري جڏهن صحابہ ڪرام رضوان الله عليہ جي شان ۾ شعر لکي ٿو تہ ان صنف سان سهڻي رنگ ۾ رچاءُ ڪري ٿو ۽ وري جڏهن قصيده يا مرثيہ جي شڪل ۾ لکي ٿو تہ چڻ امام عالي مقام جي لشڪر ۾ ڪربلا معليٰ ۾ موجود بيٺو آ. ۽ وري جڏهن بغداد واري بادشاه غوثِ اعظم جي منقبت شريف لکي ٿو تہ چا تہ انهن لفظن ۾ رنگ ڀري ٿو ۽ جڏهن اولياءَ الله جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ لاءِ اکر لکي پيش ڪرڻ جي اهڙي تہ سعادت مندي ماڻي ٿو جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آ. سنڌس جو سهڻو سڀاءُ ڏسي ڪري هي محبوب مهان شاعر اسان جي ساهہ جي رڳن ۾ سمائجي ويو آ. مان ايترو ضرور چوندس تہ لفظ ملڪ صاحب جا محتاج آهن محترم ملڪ محمد صادق سائين حضرت پير چوندي شريف وارن تاجدارن بزرگن جو پينار ۽ غلام عقيدتمند ۽ پڪن خاص مريدن مان هڪ فيضوند فقير ۽ خانقاه عاليہ قادريہ پيرچوندي شريف (ڏهرڪي) جي داد رسي درگاه جو دادلو ۽ درگاه شريف کي ويجهو رهڻ وارن مان هڪ غيور طالب آهي. ملڪ محمد صادق لفظن جو محتاج ناهي بلڪہ لفظ هُن جا محتاج آهن. هر صنف تي لکندڙ ۽ هر قسم جي شاعري ۽ عنوان تي عبور رکندڙ هڪ پڪو پختو سگهارو معياري ۽ معتبر شاعر آهي. ملڪ صاحب جي سيني ۾ لفظن جي جدت نواڻ جي ڪاڪاڻ رکيل آهي. الحمد الله رَبّ اللعالمين هي واحد اعليٰ مقام جو شاعر سگهڙ ۽ خوبصورت رائيٽر آهي. جو هر ڀاڄهاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻولي ۾ لکڻ جي سگهه رکي ٿو. اردو هجي سنڌي، سرائڪي يا بلوچي هجي هر زبان ۾ طبع آزمائي ڪري چڪو آ، ۽ وڏو خوشنصيب انسان جو سنڌن جي گهر ۾ الله رب العزت دلبر نالي پٽڙو عطا ڪيو اٿس جو نهايت ئي سريلو نعت خوان بلڪل بهترين نعت خوان اولاد جي شڪل ۾ مالڪ عطا فرمايو اٿس. هي سنڌن جو نينگر ملڪ صاحب جي لاءِ گهر جي ماکي مثل آ، ۽ هن جي ئي علائقي جو مشهور ۽ معروف ثناگو شاعر و ثناخوان محترم ڪريم بخش ملڪ ٻـ آهي جيڪو سنڌن جو پيارو شاگرد پڻ آهي. سائين جا ڪجهه اصلاحي ڪلام ملڪ جي مشهور نامور ڪلاڪار خانصاحب محترم استاد ممتاز علي لاشاري صاحب ڳايا آهن، جن جي ڳائڻ سان محفلن ۾ واهواه ٿي وڃي ٿي. ان شاعر وري محترم ملڪ محمد صادق کي تمام گهڻو ڳايو آ. ملڪ محمد صادق جي شاعري جو مون هر رخ پڙهي ڏٺو آ جو هر طرح کان هن جي شاعري فٽ آ وزن بحر ۾ ڪافيي رديف ۾ پوري لهي ٿي، جس آ هن جوان کي مطلب ته ملڪ صاحب علم عروض جو پڪو ماهر استاد شاعر آ ۽ صاف ستري ڪم ڪري رهيو آ. تمام سهنجي ٻولي استعمال ڪري ٿو سهڻو سڻاءُ جيڪو دل کي تسڪين بخشي ٿو مان ايترو آخر ۾ ضرور چوندس ته ملڪ صاحب تي مالڪ ڪريم راضي آ، رسول ﷺ راضي آ. جڏهن پنجتن سان هن جو پيار آ، هن جو بيڙو پار آ، مرشدن ڪريمن جو سنڌن جي مٿي تي شفقت جو هٿ اٿس، ڪا به ڪس نٿس، امڙ ابي اولاد ۽ جماعت جون دعائون هن سان گڏ آهن، ۽ اسان سڀ هن سڄڻ سان گڏ آهيون. لکڻو ته هن مهان هستي تي گهڻو ڪجهه هيو پر وقت جي تقاضا جي ڪري اهو حق ادا نه ڪري سگهيس ان لاءِ معذرت جو طلبگار آهيان. مان سنڌن جي لاءِ هردم دعاگو آهيان. الله رب العزت ۽ ان جو حبيب و قريب سنڌن کي اڃان ذات جي لاٽ ۾ اضافو فرمائي. آمين ثم آمين يا رب العالمين.

بقلم

**فقير محمد محسن قاسمي چانڊيو**

(مدينه منوره) 4/10/2020



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## گُلن جهڙي طبيعت جو شاعر صادق فقير ملڪ

صادق فقير ملڪ ڪنهن ٻـــ تعارف جو محتاج ناهي، سرڪارِ مدينا ﷺ ۽ ان جي ٻچڙن جو ثناخوان عاشقِ رسول شاعر آهي.هن جي شاعريءَ ۾ صداقت هيئاهين حبِ رسول چوڏهينءَ جي چنڊ مثل چمڪي رهي آهي.مان گهڻن ئي عاشقِ رسول شاعرن جي شاعري ڪيسٽن ۽ محفلن ۾ ڳائي آهي ۽ منهنجي پسند جا شاعر استاد حاجي غلام نبي مهيسر،فقير عبدالرحيم عزمي، حاجي صفر تگر ۽ صادق فقير ملڪ آهن .مان صادق فقير جي شاعري ڪيترين ئي ڪيسٽن ۾ شوق سان ڳائي آهي ۽ عاشقانِ مصطفيٰ ﷺ وٽ صادق فقير جي شاعري کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو آهي ته مونکي سندس جا هي ٻول ڏاڍا وڻندا آهن.

قدرت جي نظارن ۾،نالو محبوب تنهنجو آ
سج چنڊ ۽ ستارن ۾،نالو محبوب تنهنجو آ

باغ جي هر ٻوٽي ۽،گلڙن جي گلزارن ۾
بادِ صبا بهارن ۾،نالو محبوب تنهنجو آ

ڪنهن ٻـ انسان جي ڪاميابي جو راض ان جي نياز نوڙت ۽ سچائي آهي.صادق فقير ۾ اهڙيون خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون.الله سائين فقير جي سيني ۾ جيڪا مديني واري گهوٽ جي سڪ سانڍي آهي اها قدرت جي طرفان ڏنل ڏات آهي.جيڪا خوشنصيبن کي پلئي پوندي آهي.دعا آهي ته الله سائين صدقي مديني واري گهوٽ جي صادق فقير ملڪ جي محنت کي سجايو بڻائي ۽ آقاء دوجهان جي حضور ۾ قبوليت جو شرف حاصل ڪري ۽ ٻنهي جهانن جون سعادتون ماڻي. آمين

حاجي گل محمد مهر (مداهي) خانڳڙه /گهوٽڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## پھ اکر

جڏھن مان پنھنجي استاد جي شخصيت تي ٻه اکر لکي رھيو آھيان ته مونکي لفظ نٿا ملن ته مان سندن جي شخصيت تي لکڻ وقت کھڙا الفاظ ڪتب آڻيان ۽ ڪٿان شروعات ڪيان، ڇو ته مان پنھنجي زندگيءَ جا پورا پنجويھ سال ساڻس گڏ گذاريا آھن. يعني ٻالڪپڻ کان وٺي ھن وقت تائين آءٌ سندن جي شفقت ۽ محبت جي سائي ھيٺ رھندي ھن وقت جيڪا مونکي ادبي دنيا ۾ اھميت ملي ٿي سا پنھنجي محسن استاد سائين صادق ملڪ جي مھربانين ۽ عنايتن جي ڪري ملي ٿي. استاد صادق علي ملڪ سپاجھڙي سلڇڻي ۽ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ آھي. سندس جي شخصيت ۾ ميٺ محبت پيار ۽ پنھنجائپ ڇلڪندي نظر ايندي آھي. شاعرانو مزاج رکندڙ تنھائي پسند ياروپس درويش صفت انسان آھي. استاد صادق جي شاعريءَ ۾ سچائي سونھن ۽ حقيقت جو رنگ رچيل آھي، نعتيه شاعري ۾ تمام گھڻي پختگي نمايان نظر اچي رھي آھي، ھونئن به شاعري ڪرڻ ڪنھن جي وس جي ڳالھ ناھي، ويتر نعتيه شاعري!

شاعري جي مڙني صنفن مان نعتيه شاعري تمام اوکي ۽ اتم آھي. نعتيه شاعري ڪرڻ ھڪ پختي شاعر جي علامت آھي. سنڌ ۾ ڪوڙ سارا شاعر موجود آھن مگر نعتيه شاعري ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملن ٿا. سنڌ ۾ نعتيه شاعر حاجي غلام نبي مھيسر مقبول شاعر ٿي گذريو آھي موجوده دور ۾ نعت گو شاعر محترم عبدالرحيم عزمي ۽ استاد صادق علي ملڪ تعليم يافته پڪا ۽ پختا استاد شاعر آھن. حاجي غلام نبي مھيسر ۽ عبدالرحيم عزمي جي پختگي لاءِ مان ٿي صاف ظاھر آھي ته جڏھن سندن جا لکيل مولود شريف ۽ نعتون ڪوئي به نعت خوان پڙھندو آھي ته لفظ پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روانگي سان ايندا رهندا آهن جڻ ڪنهن مالها ۾ موتي پوئيل هجن ۽ استاد صادق ملڪ جي شاعري ۾ ساڳي طرح نعت خوان کي ڳائڻ ۾ ساڳي آساني مهيا ڪندي آهي. سندن جي شاعري ۾ سلاست، بلاغت، نفاست، لفظن جي ڪاريگري، تشبيهه، استعارو، حرف تجنيس جو استعمال اهڙي حرفت سان هڪ مالها ۾ موتين مثل پوئيل آهي جو وجي خير ٿيا، ۽ نعت شريف پڙهڻ جي دؤران روحاني سڪون حاصل ٿيندو آهي. استاد صادق علي ملڪ جي نعتيه شاعري کوڙ سارا مدح خوان پنهنجي سريلي ۽ سلوڻي آواز ۾ جهونگاريندا رهن ٿا. هڪ دفعي حاجي گل محمد مهر (مداهي) ڪچهري دوران بنان ڪنهن هٻڪ جي چئي ڏنو ته صادق مان تنهنجي مولودن جو عاشق آهيان، مون جڏهن به ڏٺو آهي ته استاد صادق سان حاجي گل محمد مهر صاحب ملندو آهي ته پهريان نئين نعت لکائي وٺندو آهي. مون پهريان به ذڪر ڪري آيو آهيان ته مون تي به استاد سائين جي ڪرم نوازي ۽ شفقت جو سايو آهي جو اڄ ٻچپن کان وٺي سندس سان گڏ گذاريو آهي، هڪ اولاد جي حيثيت سان پيار محبت ۽ سڪ سرس ملي اٿم، جنهن جو لفظن ۾ ذڪر بيان نٿو ڪري سگهان.

الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو استاد صادق علي ملڪ جهڙي صحبت عطا ٿي اٿم، سائينجن وٽ قرآن پاڪ پڙهڻ نصيب ٿيم، ننڍپڻ کان ئي استاد سائين نعت چورائيندو رهندو هو ۽ ان سان گڏ شاعري ڪرڻ به سيکاريندو هو. ابتا سبتا الفاظ لکي ايندو هوس منهنجي شاعري جي اصلاح پڻ ڪندو رهندو هو، نيون نيون نعتون لکي پڪيون ڪرائي محفل ۾ پڙهائيندو رهندو هو. سائينجن جي مهربانين سان اڄ شاعر ۽ نعت خوان جي حيثيت سان مديني واري سائينءَ جي عاشقن ۾ سڃاتو وڃان ٿو. منهنجي ڪاميابي جو راز به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي محسن استاد سائين جي محنت ۽ نعتيه شاعري آهي.مونکي حاجي غلام نبي مهيسر،عبدالرحيم عزمي ۽ استاد صادق جي شاعري بيحد پسند آهي باقي ڪنهن به شاعر جي اگر شاعري دل کي لڳي وينديي آهي ته ان جي ڳائيندو آهيان.هر هڪ محفل ۾ عاشقانِ مصطفيٰ فرمائشون ڪري استاد صادق جي شاعري ٻڌندا آهن.استاد صادق جي شاعري ڪيترن ئي ڪتابن،رسالن ۾ شايع ٿيل/ٿيندي رهي آهي.هونئن ته استاد صادق علي جا ٻيا به ڪوڙ شاگرد آهن پر هر هڪ پنهنجي نيت جو ڪٽيو کائيندو آهي.آءٌ پاڻ کي وڏو خوشنصيب سمجهان ٿو جو سائينجن مون تي اعتماد رکي ڪتاب سهيڙڻ جي اجازت ڏني.هن ڪتاب "سچا ٻول صادق جا" ۾ اڪثر نعتيه شاعري ڏني وئي آهي.استاد صادق علي اڳ شاعريءَ ۾ "عاجز ملڪ" تخلص طور استعمال ڪيو آهي،هينئر تخلص ۾ نالو صادق ملڪ استعمال ڪري رهيو آهي،ان ڪري اها وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

جڏهن ته استاد صادق علي کي سرڪاري ملازمت ڪونهي پر هو هڪ خانگي اسڪول ۾ نئين نسل کي ادب اخلاق ۽ سچائيءَ جون پٽيون پڙهائيندي پنهنجي ٻچڙن جي حق حلال جي روزي سان پرورش ڪري رهيو آهي. آءٌ مديني واري مير جو منگتو ڏٽي در دعاگو آهيان ته الله سائين استاد صادق علي جي محبت ۾ مزيد اضافو عطا فرمائي ۽ هن ڪتاب "سچا ٻول صادق جا" کي ڪاميابي ۽ ڪامراني عطا فرمائي.شال هي استاد سائين جون التجائون مديني واري مير جي بارگاهه ۾ مقبوليت جو شرف حاصل ڪن ۽ عاشقانِ مصطفيٰ وٽ هي ڪتاب پسنديده هجڻ جو شرف حاصل ڪري.آمين ثم آمين يا رب اللعالمين.

طالبِ دعا: فقير ڪريم بخش ملڪ (مداهي/شاعر) ڪرمپور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## صادق جي سچائي بابت احساسي نوٽ

سنڌي لوڪ ادب جي ميدان ۾ وک وڌائڻ کان پوءِ جن مخلص ذات ڏٺين سان قربائتيون ڪچهريون ٿيون آهن، تن مان محترم استاد بهار علي بهار جي لوڪ ادب واري چمن جو هڪ گل استاد گل حسن گل ملڪ آهي ۽ ٻيو صداقت ۽ سچائيءَ جو گوهر محترم صادق علي ملڪ آهي، جنهن جي عشق جا احساس ۽ آلاپ ڪڏهن سنڌن زباني ته ڪڏهن شاگردن ۽ سلڇڻن شاگردن جي زباني ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته هنيانءَ ٺري پوندو آهي. صادق علي پنهنجي نانوَجيان سچار ۽ گفتار جو غازي آهي، ڪيس الله پاڪ جي مليل ذات جا بي بها موتي بي مثال آهن. سندس طبيعت سلڇڻي، ملڻ ماڻائتو ڪلڻ شاناتو ٻولڻ ٻاجهارو آهي. منهنجي ڏيٺپي ۽ تجربي جي لحاظ کان استاد بهار علي "بهار" جي تخليقي چمن جا سيئي گل سهڻا ۽ خوشبودار آهن پر جيئن ته هي ڪتاب "سچا ٻول صادق جا" جنهن سخنور ۽ سچار ذات ڏٺيءَ جا آهن ان جي لکيل حمد و ثنا، نعت و سينگار، مولود ۽ مداحن، مناقبن ۽ مرثين، ڪافين ۽ ڪلامن بابت لکندي، هن قسم جي لوڪ شاعري لکندڙ سيني سچڻن ۽ سخنور سگهڙن جي تخليقن بابت احساس ڏيارڻ جو نوٽ لکڻ چاهيان ٿو انڪري مون هن ڪتاب ۾ راءِ جو اظهار ڪرڻ لاءِ عنوان ئي "صادق جي سچائيءَ بابت احساسي نوٽ" رکيو آهي.

مونکي خبر آهي ته هي سخنور سگهڙ ۽ عاشق رسول ﷺ شاعر جيترو پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ ۾ مضبوط آهي ايترو معاشي معاملن ۾ پڻ غريب آهي، غريب هجڻ ڪو عيب يا خراب ڳالهه ناهي، بلڪه هڪ سعادت آهي جو ڪائنات جي هادي طرفان اهڙن مسڪينڙن سان محبت جو اظهار ڪيو ويو آهي. پر هتي غربت يعني معاشي تنگيءَ جو ذڪر انڪري به ڪري رهيو آهيان جو سندس ان هيٺي حال سبب هن پهرين مجموعي ڇپجڻ لاءِ به ڪيترا ورهيه انتظار ڪرڻو پيو آهي، جڏهن ته صادق جي سيني مان سچائيءَ واري عشق جا نڪتل اُلا جن کي هن لفظن جو روپ ڏئي شعرن ۽ بيتن جي بياض ۾ ظاهر ڪيو آهي، اهو مڪمل بياض هن هڪڙي ڪتاب ۾ نٿو سمو هجي سگهي. اهڙن ڏاهن جي ذات کي قلم بند ڪري ڪتابي شڪل ڏيڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو ادارو هجي ته هڪ يا ٻه نه پر هزارين ڪتاب ڇپجي سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اسان وڏي وقت کان درد پريون دانهون ۽ اندر مان آهون ڪڍي لوڪ ادب وارثي بابت دانهيندا پيا اچون. هڪ حيرانگيءَ جي ڳالهه اها آهي ته آخر اسان جا حڪمران ۽ ادارا اهو چو نه ٿا سمجهن ته اسان جڏهن چئون ٿا ته "لوڪ ادب بچايو" معنيٰ "ٻولي بچايو". هن وقت هر پاسي کان اسان جي ٻوليءَ تي حملا آهن ۽ هونءَ ئي هن وقت اسان جي ٻولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويچاري ڇيندي پئي وڃي، انڪري لوڪ ادب ئي آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جو بنياد محفوظ آهي ۽ ان جا محافظ سگهڙ آهن. ڇو ته سگهڙن جو ڪلام نه رڳو ٻوليءَ جو پيندار ٿئي ٿو، پر ٻوليءَ جي لهجن ۽ لاڙن جي مطالعي لاءِ مواد به پيش ڪري ٿو.

لوڪ ادب جا خيرخواه ۽ ان جي اصليت کان واقف اسان جا تمام وڏا اڪابر ان ڳالهه کي واضح طور لکي ويا آهن ته دنيا جي سمورن قومي سماجن جي ڪلاسيڪل ادب جو بنياد سندن لوڪ ادب ۾ آهي، انهيءَ لوڪ ادب جو سرجڻهار عوام آهي، ڇو ته لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تعلق ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان هوندو آهي. هونءَ به ڪو به ادب ۽ ثقافت هوا ۾ ڪونه ڦٽندو آ پر هن جون پاڙون پاتال ۾ هونديون آهن. پاتال مان هتي مقصد انهيءَ ڌرتيءَ جي معلوم ۽ نامعلوم تاريخ آهي، جنهن جو تعلق لوڪ ادب ۽ ثقافت سان هوندو آهي ۽ ان لوڪ ادب جا سرجڻهار اسان جا سگهڙ آهن جن منجهان صادق علي ملڪ پڻ سگهارو سگهڙ ۽ شانائتو شاعر آهي. اسان کي ميڄو پوندو ته لوڪ شاعر يعني سگهڙ اسان جي ٻوليءَ جو محافظ آهي، ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ سگهڙ ٻهراڙي واسين جو نمائندو ٿئي ٿو ۽ هن ڌات ڌڻيءَ جي ڌات ئي نرالي آهي. سگهڙ ۾ هم آهنگي، يڪسانيت ۽ برابري هئڻ باوجود ڪنهن نه ڪنهن لهجي يا خطي جون الڳ مگر نمايان خصوصيتون ٿين ٿيون جنهن ڪري هو ٻوليءَ جي لحاظ کان منفرد مقام ماڻي ٿو.

سگهڙن وٽ جيڪي ٻوليءَ جا لفظ محفوظ آهن تن ۾ معيار به آهي ته ساڳئي وقت عام فهم لهجي وارن لفظن جا به پيندار پريل آهن، ڏٺو وڃي ته هن ڪتاب جي اندر اسان جي ڏاهي ڌات ڌڻي صادق علي ملڪ پنهنجي قلمي پورهئي سان ذهني اوسر منجهان ڪيترين ئي صنفون، جنسون ڏنيون آهن جن کي مرحلي وار پڙهي ۽ پرکي سگهجي ٿو، ڇو ته جيترين آهن سگهڙن جون فني صنفون، اوترا ئي آهن انهن لاءِ موضوع گهڻا، سنڌي سماج جو شايد ئي ڪو پهلو هجي، جنهن تي سگهڙن پنهنجي راءِ نه ڏني هجي، هونءَ ته هر هڪ شاعر پنهنجي معاشري جو حساس ترين فرد ٿئي ٿو ۽ ڪنهن به مسئلي يا موضوع تي راءِ ڏيڻ وقت ڪنهن نه ڪنهن حد تائين نظرياتي طور تي پاڻ به ملوث ٿئي ٿو پر ٻين شاعرن ۽ سگهڙن ۾ اهو فرق آهي ته سگهڙ هميشه اعتدال پسنديءَ جي واٽ وٺندو آهي ۽ هو نظرياتي طور تي ڪٽر نه ٿيندو آهي، جيڪي خوبيون پڻ صادق عليءَ ۾ موجود آهن. سگهڙ نظرياتي اختلافن کي پنهنجي انا يا عزت جي مسئلي جو پل نه بڻائيندو آهي، جيئن هر حق ۽ سچ چوڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نه ڪندو آهي، تيئن هو پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ ۾ به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سستي نہ ڪندو آهي.

سگهڙ جو اهو ڪم ناهي تہ اجايو ٻين جي پنڌڪن ۾ هٿ وجهي، پر ٻولي ۽ ادب جي معاملي تي حق چوڻ ڪان ڪو بہ ڪيس روڪي نٿو سگهي ۽ سگهڙ انهيءَ سچ گوئي کي رڳو ٻين لاءِ استعمال نہ ڪندو آهي پر اڪثر ڪري انهيءَ آئيني اڳيان پنهنجو چهرو پاڻ بہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن اسان صادق علي جي هن ڪتاب "سچا ٻول صادق جا" کي پڙهون ٿا تہ ان جون سموريون صنفون عوامي ادب يعني لوڪ ادب جون ٿي آهن ۽ اسان جڏهن پنهنجي سنڌي عوامي ادب جي ڳالهہ ڪنداسين تہ اهو صرف لوڪ ادب ٿي نج عوامي ادب آهي جنهن جا تخليقڪار اسان جا سگهڙ آهن، سگهڙن جي سينن مان ايري نڪتل اهو لوڪ ادب پيار ۽ محبت جي داستانن وانگر سيني بہ سيني سفر ڪندي هر پراڻي پيڙهيءَ ڪان نئين پيڙهيءَ تائين پهچي ٿو پلي اسان جا هاڻوڪا حڪمران يا سرڪاري ادارا اسان جي قومي ادب جو قدر نہ سڃاڻن پر اسان جڏهن تاريخ جا ورق اٿلائينداسين تہ پتو پوندو تہ سنڌ جو لوڪ ادب سنڌ جي قديم تاريخ جو حصو رهيو آهي، قاضي قاضن جو ڪلام هجي يا شاهہ عنايت جو ڪلام يا وري شاهہ ڪريم ڪان ويندي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو پڻ لوڪ ادب جي چٽي تصوير آهي، چو تہ سندن رسالن ۾ بيتن جي بياض جي سناءِ ۾ سمورا چرندڙ پرندڙ ڪردار سنڌ جي لوڪ ادب مان ئي ڪنيل آهن ۽ انهن ڪردارن ۾ انڊلٺي رنگ ڀرڻ وارو ڀورهيو لطيفي فڪر جو ڪارنامو آهي.

سنڌ جي قلمڪارن ۾ هڪ طرف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪان ويندي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ڪان ويندي ڊاڪٽر ڪمال جامڙي تائين، تہ ٻئي طرف هند جي لوڪ ادب محقق ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ڪان ويندي جيٺي لالواڻي ۽ ڪلاڌر متوا تائين، سمورا لوڪ ادب جا خير خواهہ چون ٿا تہ سنڌ جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو سرڇٽهار اسان جو سگهڙ ئي رهيو آهي ۽ سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب توڙي لوڪ ثقافت جو سفر سنڌي ٻوليءَ ذريعي ئي ممڪن ٿيو آهي، جيڪا ٻولي اڄ بہ سگهڙن وٽ جيئن جو تيئن محفوظ آهي، ڏٺو وڃي تہ هر ڪا ٻولي عوامي امنگن، خواهشن ۽ اميدن کي ظاهر ڪندي آهي، جنهن قومي سماج ۾ ٻولي جيتري سگهاري هوندي، اتي جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت بہ اوترا طاقتور ۽ اثرائتا هوندا آهن. نظر ڦيرائي ڏسنداسين تہ دنيا جو هر هڪ قومي سماج هڪ زنده ايڪو هوندو آهي، جنهن جو جياپو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻوليءَ کانسواءِ ممڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ هوندو آهي، ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اسان جي ٻولي جو محافظ سنڌي لوڪ ادب نہ رڳو سنڌ جي تاريخ جو مختصر اپياس آهي، پر هن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ قديم لهجي کي پڻ محفوظ ڪيو ويو آهي، جا سنڌ جي سامونڊي ڪناري ۽ ڏاکڻي علائقي ۾ رهندڙ ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي عوامي ٻولي آهي، اها ٻولي جا سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ بنيادي شاعريءَ جي پيڙهہ آهي، جتان پير صدرالدين شاهہ جا گنان، قاضي قاضن جو ڪلام، ميين شاهہ عنايت جو ڪلام، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سرجيو اها ٻولي انهن سامونڊي ڪنارن کان نڪري دنيا جي انيڪ سماجن تائين پهتي ۽ سڄي دنيا سان نئون تعلق قائم ڪندي اڄ بہ امر آهي. جيڪڏهن پيرو ڪندا سين تہ سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب جو تاڃي پيٽو "رگ ويد" جي سوترن منجهہ بہ آهي، هيءُ سمورو ڪلاسيڪل ادب سنڌي عوام کان سرجيو ۽ پوءِ اهو نندي ڪنڌ جي مذهبي اتهاس جو حصو بڻجي ويو. لوڪ ادب ۾ درياءَ ۽ ڌرتي جي حب جي پلر ولري پالوٽ نظر ايندي، ساڳيو لطيفي فڪر، طمناءِ دعا نظر ايندي مان بار بار اهي لفظ ورجائيندو رهيو آهيان تہ لوڪ ادب، ڪنهن بہ ٻوليءَ جو بنيادي ادب ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن عمارت جو بنياد ڪمزور ٿي ويندو آهي تہ هوريان هوريان اها ماڙ ڪري پوندي آهي، پر ان سلسلي ۾ گذريل ٽن چئن ڏهاڪن کان اسان جي ادارن لوڪ ادب جي ۾ گهور لهڻ کان مڪمل طور ڪن لاٽار ڪئي آهي، جنهن سبب هن املهہ ادب کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي ۽ حقيقت ۾ اهو سنڌي ٻوليءَ جو نقصان آهي. ان سلسلي ۾ اسان ذاتي طور ۽ سکهڙن جي ملڪي سطح جي تنظيم "سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم" (سلات) جي ميدان تان ڪوشش ونڻ سان گڏ لوڪ ادب بچايو مهم بہ هلائي آهي، جو تہ اسان جو ڪم عوامي سطح تي لوڪ ادب جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ لوڪ ادب جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ آهي، ان سلسلي ۾ اسان سرڪاري علمي ادبي ۽ ثقافتي ادارن جي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪوڙ ساريون، لوڪ ادب ڪانفرنسون، سيمينار، ڪچهريون ڪرائڻ سان گڏ پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا تي ليک بہ لکندا ۽ گڏو گڏ پروگرام بہ ڪندا رهندا آهيون. اسان قانون جي دائري ۾ رهي بک هڙتالون، پيادل مارچ ۽ مختلف نمونن سان احتجاج بہ ڪيا آهن، جن کان بخوبي لوهان واقف آهيو.

اسان جي مک مطالبن ۾ سنڌي لوڪ ادب جو الڳ ادارو قائم ڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ، ڊاڪٽر نبي بخش فائونڊيشن، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چيئر سنڌ يونيورسٽي، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۽ اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سميت ٻين ادارن ۾ ڪاتن پاران لوڪ ادب رتائون شروع ڪرائڻ، لوڪ ادب تحقيق، سگهڙن جي تخليق جا ڪتاب ڇپرائڻ، سمورن صوبائي توڙي وفاقي ايوارڊن ۾ لوڪ ادب شامل ڪرائڻ ۽ ادبي ادارن جي بورڊ آف گورنرس ۾ لوڪ ادب پارڪو، سگهڙ (سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جيان سگهڙن جي رجسٽرڊ نمائنده تنظيم جو مرڪزي اڳواڻ) ميمبر مقرر ڪرائڻ شامل آهن. ان سلسلي ۾ اسان جي جيڪا (لوڪ ادب بچايو تحريڪ سال 2018ع کان هلندڙ آهي، ان جا جيڪي ٻه نقطا، تجويزون ۽ جائز مطالبا آهن تن تي اڃان تائين ڪنهن ٻه خيرخواهه جو ڪو ڌيان ناهي ويو ۽ حڪمران طبقي سميت لاڳاپيل ادارن جا سربراهه پڻ پنهنجي زبانن تي ماٺ جا تالا هڻي ڪنن ۾ غفلت واري ڪپهه پري چڏي آهي ۽ اکين مٿان انڌ وارا ڪوپا چاڙهيو لاتعلق ٻڌيل آهن!! سندن سستي ۽ ڪاهلي کي ختم ڪرڻ لاءِ سگهڙ صادق علي ملڪ جهڙن ڏاهن ذات ڏٺين جا ڪتاب "سلات" جي سٽ جي همٿ ۽ جرئت سان ايندا رهندا جن کي ڏسي هڪ نه هڪ ڏينهن سندن ضمير جاڳندو ۽ سنڌي لوڪ ادب جي وارثي ڪري صادق جهڙن سچار سگهڙن جي نئين نڪور تخليق ڇپائيندا رهندا. هن موقعي تي هي سهڻو ڪتاب سهيڙيندڙ اسانجو سگهڙ ثناخوان ڪريم بخش ملڪ ٻه ڪيرون لهڻي، جنهن صادق جي لکيل سٽن جي اکر اکر کي سهڻو سنواري ڪتابي شڪل ڏيڻ ۾ وسان ناهي گهٽايو. ڪيس الله پاڪ اڃان ٻه توفيق ڏئي ته اهڙن ثنائي سٽن جي ميڙا چونڊي ڪري ڪتابي شڪل ڏيندو رهي.

لوڪ ادب جي وارثي جو طالب

**عاجز رحمت الله لاشاري**

**باني چيئرمين**

**سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)**

03463685474



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## حمد باري تعاليٰ

تنهنجي ڪوٽ خزاني ۾ ناهي خدا،
خوشحال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين
مون جهڙي مفلس کي مولا،
مالا مال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين

ڪنهن کي تر ۾ تونگر تون ٿو ڪرين،
ڪنهن کي پينو در در تون ٿو ڪري
ڪنهن ڪروڙ پتي بادشاهہ کي تون،
ڪنگال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين

ڪنهن کي مالڪ ٻاجهہ سان ڀنيون ڏنءِ
ڪنهن کي محل ماڙيون ڪنهن کي منهيون ڏنءِ
ڪنهن تي راضي ٿي تون راڄ ڏٺي
رکوال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين

تنهنجي در تي توبهہ زاري آ،
ڪڏا آهيون ڪرين تہ ٻہ رزق عطا
ڪنهن چاٺو کي اٺچاڻ ڪري،
بدحال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين

نبي پاڪ جي صدقي فضل ڪجانءِ،
مون جهڙي ڪني سان نہ عدل ڪجانءِ
هن "صادق ملڪ" مداهيءَ جو
سٺو حال ڪرين تہ ڪري ٿو سگهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: باغ تي ڦو ويڃان

## حمد باري تعاليٰ

يا خدا ڪر ڪرم، مون گنهگار تي
فضل پنهنجو ڪجانءِ، بندي بيڪار تي

يا الاهي اٿم، ضايع ڪئي زندگي
عمل صالح نہ ٿم، ٿئي ٿي شرمندگي
صدقي مدني مهر، ڪر ٻانهيءَ ٻار تي

پنهنجا ڏوهہ ڏنگايون ڏسي ٿو ڏڪان
پر پاپن ۾ آهيان، ڪٿ وڃي مان لڪان
ستر پنهنجو ستار، ڪيو بدڪار تي

ميرو مندو آهيان، صدقي محبوب جي
بخش باري چاهيان، صدقي محبوب جي
ڪوڙ ڪلندا وتن، تا خطادار تي

معافي محتاج تي، در خدا ٿو گهري
"ملڪ صادق" مداهي، ڳارو ڳل ڪري
رحم رازق ڪيو هن عرضدار تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: چنڊ جو ٽڪرو لڳين ٿو

## نعت رسول مقبول ﷺ

ٿلهه
تون خدا جو دادلو دلبر نبي
يارسول الله، يا حبيب الله

پيار پرور جو توسان آهي گهڻو
تنهنجي ڪري ارض و سما ٿهيو سهڻو
جبرائيل ٻـ آهي تنهنجو نوڪر نبي

لن تراني رب چيو موسيٰ نبي
۽ فضل توتي ٿيو خاص ربي
نعلين سان ڪيءِ عرش جو سفر نبي

روبرو رحمان سان ٿئين هم ڪلام
اهو شان آ تنهنجو، نبي عليہ السلام
معراج جو ڪهڙو ڪيان، ذڪر نبي

جو ٻـ انگل ڪيءِ، خدا منظور ڪيو
چنڊ شاري سان، ٽڪرا ٿي پيو
شمس لٿل ٿيو، وري ظاهر نبي

يارسول الله "صادق ملڪ" جي
توکي پارت آ، سموري خلق جي
ٻي واهن جي تون ڪجان واهر نبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: هل تہ مديني پاڪ هلون

## نعت رسول مقبول ﷺ

پرور پاڪ ڪـــي آ پيــاري، ذات مديـــني واري جـــي
مـولا محـمَد جـو آهـي، ڪائنـات مديـني واري جـــي

ڪلمي قـــــرآن ۾ گڏ نالو، آهي آذان ۾ گڏ نالو
زمـين و زمـان ۾ گڏ نالـو، وائـي وات مديـني واري جــي

الله الصمد بـــــي نياز آهي، احـــــد احمد آواز آهي
راز ۾ هي ڪو راز آهي، شـــــروعات مديني واري جي

جانب لاءِ جهان جڙيو، ارض و سما عاليشـــــــان جڙيو
جن و ملڪ انســان جڙيو، تهي بـــات مديني واري جي

جيسين جهان جو چرخو چلي، تعريف محمد جي پئي هلي
مور جيئان مداهي پيو تلي، ڳائي نعت مديني واري جي

”صادق“ چا تعريف ڪري، قـــادر ڇڏيو قــــرآن ڀري
ڏس تـون ادا ڪـو ڏيـان ڌري، آيـات مديـني واري جــي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: لڙڪ منهنجا ڪير اگهندو

## نعت رسول مقبول ﷺ

ڪائنات قادر آ ٻڌائي، صرف تنهنجي ئي ڪري
نور جي تي روشنائي، صرف تنهنجي ئي ڪري

يا محمد مصطفيٰ آهين نبي لولاڪ جو
عرش ڏرتي رب سجائي، صرف تنهنجي ئي ڪري

جنت الفردوس جنت ۾ لطف ئي اؤر آ
مؤمنن لاءِ آ واڌائي ، صرف تنهنجي ئي ڪري

تعظيم خاطر عرش تي ٿيا، گڏ فرشتا منتظر
صلي الله جي وات وائي، صرف تنهنجي ئي ڪري

تعريف آ تنهنجي سڄڻ، مخلوق ۾ يا مصطفيٰ
ڪي قلندر ٿيا ٻناٿي، صرف تنهنجي ئي ڪري

آ قلم قاصر زبان تنهنجي ثنا قرآن آ
"ملڪ صادق" ٿيو ثنائي، صرف تنهنجي ئي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: محبوب مٺي جي پيارن جي اسان ڳولي لڌي آ

# مولود شريف

اڄ پاڪ نبيءَ جي ولادت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا
برسيا بادل بر تر رحمت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

مڪي پاڪ ۾ مينگهه ملهارون ٿيون، محبوب مٺي جي آمد سان
ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فورن فرحت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

پيا گل ٽڙي گلزاريون ٿيون، جنهن مهل ڪريمن قدم رکيا
سڪ پيار جي ظاهر علامت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

درگور ڪندا ها جي نياڻيون، پرين پهچڻ سان پر گهور لڌي
نياڻين جي نه اڄ تائين ندامت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

اهڙو گهوٽ محمد ڄام مليو، جنهن تي عاشق خود الله سائين
جنهن جي ارض و سما ۾ مدحت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

ڪندا ظلم ستم جيڪي چوٽ تي ها، ڪري ڪوٽ ڪفر جا ٿيا زير و زبر
ختم جوئا جهالت بدعت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا

هڪ "صادق ملڪ" ثناگر چا، رنگ راڄن ڪي رهبر لاتو
مون تي بسندن هي عنايت ٿي، وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: محبوب مٺي جي پيارن جي اسان ڳولي لڌي آ

## مولود شريف

سـرڪار جي آمد سـاڻ ادا، مظلوم جو مان سـنوارجي ويو
سنسـار ۾ خوشيون ٿيون وهواه، ابـوجهل لاءِ ٻارڻ ٻارجي ويو

معصوم نياڻين کي جيئري، جيڪي قـبرن ۾ پوريندا هئا
منهنجي ـ مائين سڀ جي سار لڌي، ادڙين جو جيءُ جيئارجي ويو

جتي آتش بـازي عام هئي، بـدعت ۽ بـرائي جام هئي
انصاف عدل تي قـائم ويو، دنيا ۽ دين سـينگارجي ويو

تشـريف آور جڏ جانب ٿيا، ڪري سـجدي ۾ ڪل بـت پيڙا
وڻ ٽڻ ٻـ صلواتون پڙهن پيا، تن پيار جو پاٽي پيئارجي ويو

محبـوب محمد جڏهن ڄميو، آقـا جي اکين ۾ هو ڪجل پيو
سهڻي سينڌ سجايل ساجن جي، واحد جي وٽان وهنجارجي ويو

چوي "صادق ملڪ" سبحـان الله، مرسـل جي مهر جو مينهن اٿو
آسمان زمين ۾ عيدون ٿيون، هر صحـن هڳي هيڪارجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: باغ تي ٿو وڃان گل گلابي وٺڻ

## مولود شريف

مصطفيٰ آئيو بخت سڀ جا کليا، رنگ اهڙا رتا جو وڃي خير ٿيا
سبز سائي زمين تي شاداب وئي، گاهه اهڙا ڦٽا جو وڃي خير ٿيا

مير آيو مڪي ۾ تي چانڊاڻ وئي، ڌرتي ساري سڳنڌ ۾ تي سرهاڻ وئي
سڀ نبي گهر امڙ آمنہ جي آيا، ميلا اهڙا مِتا جو وڃي خير ٿيا

جڏ دنيا ۾ ڪريمن جا آيا قدم، بدعتن جي رسم تي وئي فورن ختم
داد امداد ٿيو هر ساسيءَ ساهه جو، تي خوشي جابجا جو وڃي خير ٿيا

سڀ فرشتا لهي، مرحبا لاءِ آيا، تن محمد مٺي جا پئي سهرا ڳايا
حورون غلمان سرها سيئي ٿيا، ماڻيائون اهڙا مزا جو وڃي خير ٿيا

چڙيا چانڊول پرندا پکي، خوش ٿيا، ثنا "صادق" ثناگر لکي خوش ٿيا
آيو محبوب ٻيڙا ٻڏل ويا تري، قرب قادر ڪيا جو وڃي خير ٿيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: رب پيدا ڪيا لک پير تنهنجي ڳالهه

## مولود شريف

هر هنڌ ٿيا هيڪار، آيو محب مڪي ۾ آ
بر تر ۾ ٿيا ٺڪار، آيو محب مڪي ۾ آ

ربيع الاول ۾، رنگ رچي ويا
منڙو اچي ويو ميلا مچي ويا
پٽ پيدا ٿيا سڀ پار، آيو محب مڪي ۾ آ

آيو امڙ جي گود ۾ جاني
لات و منات جي ٿي ويراني
ڪوٽ ڪسريٰ ۾ پيا ڏار، آيو محب مڪي ۾ آ

اولهه اوير ڏکڻ ۽ اتر
خوشي حضور جي ٿي وئي گهر گهر
ڪيا پونءِ سهڻا سينگار، آيو محب مڪي ۾ آ

"صادق ملڪ" سچ جڏ آيو
سين نبين ميلاد ملهايو
رڳو ابليس ڪئي نهڪار، آيو محب مڪي ۾ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: زيب زينت زلف ٿهن

## نعت شريف

اعليٰ ٻـــ تون، ٻــالا ٻـــ تون
محبـــوبِ خدا، يارســـول الله

ســـونهن وارن جو ســـرواڻ
اســـم مبـــارڪ ۾ واڪاڻ
واحـــــد ڪئي تنهنجي مدا

لولاڪ لما شـــــان تنهنجو
افـضل اڪمـل مـان تنهنجـو
رب جـــي رضا تنهنجـــي رضا

حســـــين و جميل تون يا نبي
ڪم ذات ڪان چا تعريف ڪبي
تنهنجـــو مثال ناهـــي صفـــا

پارت ٿـئـــي پنهـل پيـــارا
مون ڪان ٿيا ڪم ڪســـــارا
عملـــن ۾ آهيـــون جـــڏا

"صادق ملڪ" ســـام ســـدا
"شـفيق" "اويس" "ڪريم" فدا
نـــام تنهنجـــي تـــي منڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: زيب زينت زلف تهن

## نعت شريف

عرش تي تون، فرش تي تون
تنهنجي بادشاهي آمديني وارا

لوح و قلم ارض و سما
جن و ملڪ آدم ۽ حوا
خالق خلقيا سارا

الله ڪريم تون ٻـ ڪريم
رب راحمين تون آن رحيم
سڀ القاب تنهنجا نيارا

فرش تي صدقي ٿيو صديق
عرش تي آ جبرائيل رفيق
تون سردار ٿين ٻلارا

سج روشن تنهنجي صدقي
چنڊ چانڊوڪي ڪري چمڪي
تنهنجي ڪري هن تارا

دلبر دلربا ٻئي ٻچڙا
"صادق ملڪ" جي منڙا
مالڪي ڪر تون پيارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: آهيان ماڻهو مان فقير

## نعت رسول مقبول ﷺ

مٺا مديني جا چام، توتي صلواتون سلام
سهڻا نبين جا امام، توتي راض ربي آ

تنهنجي ڏٺي توکي ڪٺي، پنهنجو يار بڻايو
تون حبيب تئين مجيب، سردار بڻايو
تنهنجي ڪري ذري ذري سنسار بڻايو

توتي گهور شهزور، قربان ڪروڙين
ٿيا مست ۽ الست، انسان ڪروڙين
ماڻهو ملڪ زمين فلڪ حيوان ڪروڙين

آهين نور تون حضور، پڳدار چوان مان
قرآن ۾ آ شان، ٿمنار چوان مان
تولئي عرش بڻيو فرش، سينگار چوان مان

ڏينهان رات لکان نعت، تنهنجي ذات ڀلي آ
ملي ڏات انعامات، سوغات ڀلي آ
صلوات هجي وات، لبين لات ڀلي آ

آهيان "صادق" نالائق، ڪيو ڪرم سائين
ڪيم ڏوهه ڪوڙين ڏوهه، رکو ڀرم سائين
آهي آس پرين پياس، ڏسان حرم سائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهي پرديس ڇڏي آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

ساري دنيا کان سهڻو سُٺو، سينگار مديني جو
رحمت سان رچيل سارو شهر، ٿمڻار مديني جو

جنهن جي ڏسڻ لاءِ ملڪ ڍري ٿو
اها ڪوشش هرڪو ڪري ٿو
وڃي هڪڙو ڀيرو ماڻي اچان، منٺار مديني جو

چا رستا مديني جون گليون
سائين ڀليون آهن ڀليون
جتي جانب جاني آ گهميو، پڳدار مديني جو

ڏسي محل مديني جون ماڙيون
آيا گلزن ڳوڙها ڳاڙيون
سڪي سڏڪي سي روئي ڪرن، اظهار مديني جو

جتي خدا جو پاڪ رسول آ
تيو ملڪ تڏهن مقبول آ
مان صدقي وڃان نوڪر آهيان، نروار مديني جو

ڏٺو اڃان نه مون آ مدينو
ٻڌي ڳالهيون ڦاٽي ٿو سينو
ڪندو انشاءَ الله "صادق ملڪ" ديدار مديني جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهيء پرديس ڇڏي آ

## نعت شريف

رحمت جي وسي پئي روز شب، برسات مديني ۾
چو تہ منڙي محمد جي رهي ٿي، ذات مديني ۾

مـــٺ ملـــڪ مديـــني جـــي ناهـــن
ڪيڏو بـــــــــــــــــــــــــڪٽي پاڻ تاهن
ســــرهاڻ گهٽين ۾ نور جي، تجلات مديني ۾

پکـــي پرنـــدا مديـــني جـــا پيـــارا
پلي جانچي ڏســـــــــــــــــــو دنيا وارا
ســـردار جي ساســـين جي پلي آ،لات مديني ۾

شهنشـــــاهہ جي صدقـــــي ســــارو
تيو شـــــــــــــــــــــــهر هي ياڳن وارو
پلا بخت انهن جا جي آيا، رهـي رات مديـني ۾

الله ڪري شـــــــــــــــــــــــــــل هيڪر
وڃان مان بـــــــــــــــــــــــــــ مديني جيڪر
ڇمان چاهہ منجهان چانٺ ڪري،زيارات مديني ۾

چوي "صـــــــــــادق ملڪ"مداهـــــــــي
آ منهنجـــــــو ايمـــــــان ادا هـــــــي
مون ناقـــــص جي ننگدار تي،پڙي نعت مديني ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: منهنجو يار گلاب جو گل آ

## نعت شريف

الله رب العالمين آ
نبي رحمت العالمين آ

الله واحد لاشريڪ آ
نبي پاڪ خدا جي نزديڪ آ
مخلوق معبوُد ۾ يقين آ

پاڪ پرور رؤف رحيم آ
محبوب منو ٻـ ڪريم آ
اڳواڻ اسان جو حسين آ

نبي پاڪ جا ٻول ٿو ٻولي
ڏس پاڪ قرآن کي کولي
سرتاج سخيءَ جو دين آ

سهڻي سائينءَ صدقي جهان آ
لولاڪ لما جو بيان آ
جڳ جوڙيو رحمان رنگين آ

ٻيڙو ترندو نبيءَ جي طفيلي
ڪين ”عاجز“ ٻڏندو اويلي
سهڻو صادق عربي امين آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: اٿو مرد مومن مسلمان جاڳو

## نعت شريف

وڏي شـــان وارو نبيءَ جو شـــهر آ
خدا کي پيارو، نبيءَ جو شـــــهر آ

مکو مصطفيٰ کي، مدينو خدا کي
مڙين کان موچارو، نبيءَ جو شهر آ

خاڪِ شــــفا آ، غبـــارِ مدينا
نڌاکت ۾ نيارو، نبيءَ جو شـــهر آ

سيدالبلدان، طيبــــــــو طاهر
سـهڻو سـوپيارو، نبيءَ جو شـهر آ

"صادق ملڪ" شل، مولا واڳ واري
ڏسان جيءَ جيارو، نبيءَ جو شـهر آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: بدڪارن جي عيبدارن جي

مولود شريف

محبوبِ خدا ٿيا جلوي نما، ڌرتيءَ تي ادا مرسل مصطفيٰ
جڏ پير مبـــــارڪ پايا، رب ســــــائينءَ رنگ رچايا
مشـرق ڪان وٺي مغرب جي اندر، سمنڊن جا سير ڪرايا
رب ســـــــــائينءَ رنگ رچايا

ڄام ڄمڻ ســان ســجدي ۾ آيو، امان صفيه شــان ٻڌايو
چپ چرنـــــدا رهيا، معـــافي گهرنـــدا رهيـــا،
يـــاد يـــار ڪـــي امـــتي آيـــا

شــــــــــام جون ماڙيون ڏٺيون پئي جيجل،
ڏٺيـــون مٺين تـــي مٺيـــون پئـــي جيجـــل
پيس نيڻ ٺري، هر حـــور پري، مرحبـــا جا ٻول ٻڌايا

نبي سڳورا گهـر آمنـه جي، آيـا هلـي سڀ در آمنـه جـي
ٿـيو رب جو حــــــــــــــــڪم، جبرائيل يڪدم،
سڀ ملڪ مڪي ۾ ســـــڏايا

"صادق ملڪ" آ ياڳ ڪلي ويو، منڙو محمد مير ملي ويـو
ٿيو شـــــــــان اعليٰ، ڪيو بـــــــــاري تعاليٰ
ٿياســين بخت ۾ سڀ ڪان ســوايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: هاڻي جيترو جلدي ٿي سگهيءَ پرديس ڇڏي آ

## مولود شريف

الله تعاليٰ جا لک شـــــکر، ســـــردار آيو جڳ ۾
محبـــــوب مڙني مرســــلن، مهندار آيو جڳ ۾

مکي پاک ۾ ٿي مانداڻ آ، چؤطرف ٿي وئي چانداڻ آ
هرهــر پئــي کنــوڻ تجــلا کري، تاجــدار آيــو جڳ ۾

آيو سرس سجڻ سينگارجي، مڻ مشکن جا ويا هارجي
هرهنـــد وئـــي هبکـــار ٿي، گلـــزار آيـــو جڳ ۾

آيو بـتن کي پوڄڻ عامر، ڏنائين سـجدي ۾ کل ظاهر
چيو بــــــــتن نبي نورالهديٰ، ننگدار آيو جڳ ۾

سائين جلوي نما ٿيا جنهن دم، آيو نبين سين سان آدم
امان آمنہ گهر اڙين ســــــــندو، آڌار آيو جڳ ۾

خوش "صادق" ٿيو سنســــــار آ، آيو پيغمبرن پڳدار آ
وئي روءِ زمين ۾ عيد ٿي، ســــــينگار آيو جڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: لڳي تنهنجي تار آ جن کي

## نعت شريف

قدرت جي نظارن ۾، نالو محبوب تنهنجو آ
سج چنڊ ۽ ستارن ۾، نالو محبوب تنهنجو آ

بــاغ جي هر ٻوٽي ۽، گلشن جي گلزارن ۾
بــادِ صبــا بهارن ۾، نالو محبــوب تنهنجو آ

رحمت جي ڪڪرن ۾، تنهنجا نوراني جلوا
ماهِ لقــا ملهارن ۾، نالو محبـــوب تنهنجو آ

اســم مبـــارڪ منڙو، جنت جي پيالن تي
دلڪش در ديوارن ۾، نالو محبوب تنهنجو آ

اتـر اولهـ ڏکڻ اوڀر، ذڪـر تنهنجـو آ دلـبر
شام و سحر سارن ۾، نالو محبوب تنهنجو آ

ڏيهـ ســڄي ۾ عاشـــق، تنهنجا ديوانا آهن
ٻوڙن ۽ ٻارن ۾، نالو محبـــــوب تنهنجو آ

"ملڪ" مداهي "صادق"، پنهل اوهان جو آهي
عاجز جي پڪارن ۾، نالو محبوب تنهنجو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جڏ محب مکي ۾ ايندا ويا

## نعت رسول مقبول ﷺ

محبـــــــوب جي صدقـــــــــي جهان بــــــــــ آ
ڪـــن فيڪـــون نڪــــي ڪجهـــ ٿئـــي هـــا
انس منجهان انســــــــــــــان بـــــــــــــــ آ

مســـــــــجد منبر ڪعبـــــــــــــــت الله ڪي
ڪو نہ ڄاڻي ها ڪو بـــــــــــــــــــاري تعاليٰ ڪي
ڀهڳڻ صدقـــــي ٻيڙو تري پيو،موليٰ ڏنو قــــرآن بـــــ آ

ســــــــائينءَ صدقـــــــــي ســــــــاهہ مليو آ
رب رحـــــــــــــــــــــــــــيم الله مليو آ
جيڏانهن ڪيڏانهن سرهاڻ ٿي وئي،عرش برين آسمان بہ آ

گل قـــــــــل ۽ گلزاريــــــــون ٿي ويـــــــــون،
جڳ ســــــــــــــــــــــــجي ۾ بهاريون ٿي ويون
مشـــــرق مغرب ۾ ٿيون عيدون،آيو نبي احســـــان بــــ آ

ڪيون شمس و قــــــــــــــمر ۽ تارن عيدون
عرشـــــــــي فرشــــــــــي ســـــــــارن عيدون
”صادق“ ٿيا سوين ”صادق“سرها،”صادق“ ٿيو ثناخوان بہ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: منهنجو پرين اچي ٿو ان ٽولي ۾

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

جُزِ جزون مدينا يا تيار بــــيـﺌ
صلـــي الله صلـــوات پڙهانـــا

پاڪ مدينه يـﺌ قســـر قـــرآن آ
زڙتان الله ســـائين خود رحمان آ

شــــهر مدينا ملڪانس چوٽين
رهـغا همـوزان اپوجهانـي اوتــين

اصل مدينا يا ڪـﺌ نه مصيبـــت
شـــيطان پليد نه ڪـﺌ دهمي آفت

زنده رهغ ايســان بـيس ڏڪيائي
خون ڏاڙو دهمي اســـتين لڇائي

مـــير محمـــد پاڙو پاڪـــين
سائين، ختم نبوت صاحبِ لولاڪين

رحمـت هـۆر مدينـا يـا گوارغين
"صادق" ســـينا مدينا ٽارغين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: منهنجي مال گهر جا مالڪ منهنجي سر ڀچن

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

قيزاغا نئين آرام، ايزان مدينا ســـــائين
گندان مدينا پاڪ، رحمت خزينا ســــائين

شب روز همي سوچين، لونۓ لونۓ اندرا لوچين
سگدر بيئان رهان مان، موٺان ورينا سائين

هرسال هرڪ روغين، مئين دل رگو گريئغين
مند چمان ڳلي آ، سارٿ پي سينا سائين

ديدار گهرجي دلبر، روضۓ رســـــول اطهر
آڎو چمان ئي آبـــي، مدينا مدينا ســــائين

"صادق فقير "سوالي، نبي پاڪ تئين قوالي
گندان ڪزييۓ ڪايان، عرفات مينا ســــائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز :چنڊ جو ٽڪرو لڳين ٿو

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

اســـتۂ خدايۂ دلربـــا دلبر نبي
مدينا ســـائين مدينا ســـائين

تئين ڪندو آ ٿهس اي ڪائنات ڪل
عرشين برين لوح و قلم، گلزار و گل
لولاڪ لما يہ بـــــيس آبر نبي

تئين ثناياگون قرين قـــرآن پاڪ
روۂ زمينام ذڪر چوويهہ ڪلاڪ
محشـــر ضامن اســـتۂ آڏر نبي

نام تئين وشـــين محمد مصطفيٰ
اي نـــبي آخر زمـــان يـــا مجتـــبيٰ
ڪائنـات ڪارٽـي ٿوي رهـبر نـبي

سگدر مدينا يہ استان، ”صادق فقير“
پارت پيغمبر ترا اســـتان حقـــير
بيســـان گناهان من قر دفتر نبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز :سڄڻ سائين منا ماڙهو

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

مولا بسياري هما روشا، بــــروان ير مدينا يا
گندان وشـــين پيغمبرءِ،روضءِ اطهر مدينا يا

ايـزان هـچين وڻغينـون،دمر دمر دل تڻغينــون
جـز جـلدي ديـرا مَ ڪن،عاجـز اڏر مدينـا يـا

مدينـا پاڪ منـي آ، چمـان چائٿ ءِ گهنـي آ
محمد مير پاڑو آ، بــــــرؤ سگدر مدينا يا

خدا دروا اسـتان سـوالي،نئين طاقـت منان مالي
نهي نهـ پهـ بهانو بيرءِ،بــــر ثناگر مدينا يا

استين "صادق" صدا پلپل،مدينا يا مران مان شل
مري مڑدم همان اســــتين،ادا بهتر مدينا يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تيري عسق نچايا

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

مئين پارت نئي لو ســـــهٹا نبي نبي
كل قــيامت روشــا امت تئين رند بـــي

هما روش كلءِ دفا نفســـا نفســـي
روش تايءِ زيري، نئين وس كســــــي
اشـــت ســـوا نبي لو چونٹكارو ربـــي

كاشيءِ چين كوزئون، نيكي نام نئين ني
هرنگيا مَ گنهگار آن همنگا عام نئين ني
كل دفتر قران، مئين ڏوهان عربـــــي

خدا ســـخت قـــهاريءِ جوش مَ كئي
پگهر جان بهي، نہ عقـــل هوش مَ كئي
هموزان هامي بيئہءِ اســـتون تئين امتي

حشـــر روش هموزان حسابـــد بـــي
گنهگار دوزخ رق عذابــــد بـــي
مئين ضامن بي تہ، گشـغين "صادق علي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز : دلين جا مالڪ او مالا

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

مئين حـــال اســـتان بدحـــال
سائين تـرا پارتين مدني مصطفيٰ!
نوان دير بـــــــــيءِ دلبر ذرا

صفا ڏوهہ گناهان م نئين ڪمي
نيـان قونـز زيـرغ جهـڙو آدمـي
نام نيڪي نہ اعمال ســائين تـرا

سائين،روز محشـر بـيئي سـاٽي
الائي چنگ بـــــي الله چاٽي
تئي اســـتءِ رکوال ســـائين تـرا

الله مئن اســـتان قـــرضي
گٽ يا بـــــــلي مولا مرضي
ملي معافي مئين سوال سائين ترا

روز جـــزا جانـــب جانـــي
خصوصي ڪنءِ مهربــــاني
”صادق علي“ تئين قوال سائين ترا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ساري دنيا کان مٺو آمدينو

## نعت رسول مقبول ﷺ (بلوچي)

الله سائين آ عرضين، مدينا قيداري
گندان مدني ملکا، استين انتظاري

مدينا يا گندان محبـــوب ملکا
شـب روش اســتين، اندرا م الکا
نوان بـيءِ برؤنا، قيشا موت ماري

عربـي آسـتانا، مريضئين شـفائين
مئـين دژد دلا، هميئـــي ادائـــين
چمان در نبي آ، لهي بـي قـراري

مدينا يا بـــرولن، اصل چين گـژدان
ايزان هچين استين، رگو سور دژدان
هموزان هر گنجين، بهاري بهاري

"صادق" سوالي، اســـتين ثناگر
"ملک" مداهي، مدنــــي گداگر
خدا دروا عاجز، استين انکساري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ايجان تائين دلڙي اوهان کي ٿي ساري

## نعت رسول مقبول ﷺ

آهي آس پرور منهنجو سينو ٺاريو
دفعو هڪڙو مؤلا، مدينو ڏيکاريو

دعائون دل سان هرهر، وڃڻ جون گهران ٿو
سعوديءَ ڏي سائين، منهنجي واڳ واريو

سڪان ٿو مان سنڌ ۾، منهنجي سڪڙي لاهيو
ڏسان روضو اطهر، پو جيئاريو يا ماريو

ناهي ناڻو ملڪيت، مديني وڃڻ لئي
مونکي مولا سائين، ڏيئي پر اڏاريو

ڇمان پاڪ پلپل، مديني جون گهٽيون
پيغمبر پياري ڏي، هن سال ساريو

ناهي ڪو سڪون، سنڌ ۾ چئي "صادق"
"ڏياٽيءَ" ۾ ڏاڍو ڳٽتين آڳاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تنهنجي پيار سر جهڪائي ڇڏيو

## نعت رسول مقبول ﷺ

بلغ العليٰ بڪماله، ڪشف الدجيٰ بجماله
حسنت جميع خصاله، صلو عليه واله

بدر دجيٰ صدر العليٰ، نور الهديٰ ڪهف الوريٰ
تنهنجا لقب لجپاله، صلو عليه واله

تون رحمت اللعالمين، تون راحت اللعاشقين
تنهنجي حسن جي چا ڳالهه، صلو عليه واله

تنهنجو اسم يا مصطفيٰ، هر درد جي آهي دوا
تو تان فدا هر ماله، صلو عليه واله

تون قرت العنين، آهين دلربا تون دلنشين
غمخوار تون بي مثاله، صلو عليه واله

"صادق ملڪ" تنهنجي سام آ، ڏاڍو ڪنو سرعام آ
واهر ڪجانءِ ڪا وصاله، صلو عليه واله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: لک درد ملن لڄپال محمد وينو آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

حبـــدار آهيون حبـــدار،مديني واري جا
اســـين غلام هون نروار،مديني واري جا

هٿون نعري رســــــــــالت ٺاهي
پرواهـــ ڪنهـــن غير جـــي ناهـــي
خوش عاشـق ٿين ٿا هزار،مديني واري جا

اســــين شـــــان نبيءَ جو ڳايون
ڳائــــي دليـــون ٿا بهلايـــون
جيڪـي غمـزده غمخوار،مديـني واري جا

غم رنج و الم ۽ مصيبـــــــــت
ڏســــندي نہ ڪڏهن هي طبـــيعت
ڳائي سيني اندر سينگار،مديني واري جا

وٺ اســـــــــم محمد جاني
پري ويندءِ هلي پريشـــــــاني
پروانا رهن سرشــــار،مديني واري جا

تــوڙي ”صــادق ملــڪ“ گنــدا هـون
پوءِ بــ عاشــق عربـــي ســندا هون
اسين عشـق ۾ هون تمنار،مديني واري جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ڪڏهن ول سو سهڻا سانولا وطن ساڏي

## نعت رسول مقبول ﷺ

خدا مونکي مدينو پاڪ، تون ڏيکار مري نہ وڃان
سڪايل دلڙي منهنجي آ، نهہ پهہ تار مري نہ وڃان

محمد مير جو پاڙو، ڏسان چائت چمان چشمن
گنبذ خضريٰ جي سائي ۾، وڃي ويهار مري نہ وڃان

مديني پاڪ جون گهٽيون، اکڙين سان ٻهاريان مان
مديني پاڪ جو پاڻي، پرور پيئار مري نہ وڃان

سالن جي سڪ آ سيني ۾، سڪيو سڏڪيو آهيان سنڌ ۾
سيارا ڪي اونهارا ويا، هاڻي واڳ وار مري نہ وڃان

"صادق ملڪ "ثناگر جي، محمد مير جي صدقي
مرادون من جون پوريون ڪر، صحن سينگار مري نہ وڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تون ياد ڪرين يا نہ ڪرين

## نعت رسول مقبول ﷺ

سنســـــار سموري ۾ آ،ســــرهاڻ نبيءَ جي
گلـــزن ۾ آ گلـــزاري، ۽ لالاڻ نـــبيءَ جـــي

روشـــــني آ نور جي،ڪائنات ســـــڄيءَ ۾
جڻ چمڪـي رهيـو چنـڊ آ،چانـڊاڻ نـبيءَ جـي

مليو شمس کي پي شـعاع ،حبيبن جي حسن مان
پيو ســـونهن حســـينن ملي، آڪاڻ نبيءَ جي

طاقــت نہ آهي ڪنهن ۾،ســچو شــان ٻڌائي
بـــس! نعت ۽ صلوات زبـــان، آڻ نبيءَ جي

محبــــــوب ڪريمن جي ڪري،ماڪي مٺي آ
ماڪـــيءَ ۾ سمايـــل آهي،مـــيٺاڻ نـــبيءَ جـــي

صلوات پڙهڻ ســــــاڻ،"صادق"دلڙي نري ٿي
صلوات شـــــــــفا آهي امت،ڪاڻ نبيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تون منهنجو صنم آهين

## نعت رسول مقبول ﷺ

مشــــــرق کان وٺي مغرب، اعليٰ ذات نبيءَ جي آ
بـــاري تعاليٰ بـــڻائي هيءَ، ڪائنات نبيءَ جي آ

الله ســـــــائين اڪيلو آ، ڏٺو نظر نہ ڪنهن جي آ
ٿي واحـــد ســـان وهواه، ملاقـــات نبيءَ جي آ

ثنا ســـاراه ســـان سارو، قـــرآن ڀريل آهي
ســـچ ســـورت ســـيپارو، آيات نبيءَ جي آ

پيار پرور جو جنهن سان، ســــو گهوٽ محمد آ
حمد هاديءَ ڪي ســــونهي، ۽ نعت نبيءَ جي آ

جبراعيل بـــــ آهي بڻيو، دربـــانِ محمد آ
هر حـــور بـــ حمد پڙهي، واڻي وات نبيءَ جي آ

چوڻڪارو اگر "صادق" چاهين، "ملڪ" تو مرضن ڪان
تہ پوءِ دارون دوا درمل، صلـوات نـبيءَ جـي آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: صوفيءَ جي سوز ساز کي سمجهڻ

## نعت رسول مقبول ﷺ

مصطفيٰ کان بـــالا ڪو بـــرتر نہ ٿيو آ
محبـــــوب خدا جو پيو پيغمبر نہ ٿيو آ

آدم صفي الله ، توڙي موســـــيٰ ڪليم الله
عـرش تـي مهمـان ڪـو، رهـبر نـہ ٿيـو آ

رخ تابان پسي پنهل جو، پيو شمس شرمائي
چانڊ ڪنهن مرســل تي ڪو، ڪڪر نہ ٿيو آ

مشـــــڪ عنبر کان معطر، پاڪ پســــينو
خوشبوءِ سان خدائيءَ ۾ ڪو، پگهر نہ ٿيو آ

نوري جسـم پاڪ تي، ڪڏ مک نہ ويٺي ڪا
پاڇي کان ســـــوا، اهڙو ڪو منظر نہ ٿيو آ

صدبـــــار وڃان "صادق" قربـــــان نبيءَ تان
نبي پاڪ جهڙو جڳ ۾ ڪو دلبر نـہ ٿيـو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سڄڻ سائين منا ماٺهو

## نعت رسول مقبول ﷺ

مديني جا وڃي وڻ مان، ڏسان دلڙي ٺري منهنجي
ڇمان چائٺ محمد جي، خدا قسمت ڪري منهنجي

نبيءَ جي پاڪ روضي جي، پسڻ جي پُرخواهش آ
لڱن لوري اندر ۾ ڪيئن، رهي دلڙي پري منهنجي

رهي رهبر رسول الله، جتي تنهن ماڳ تان صدقي
مديني جي ڏسڻ لاءِ دل، پئي ڳڻتين ڳري منهنجي

مولا موڪل مديني ڏي، جانب جيئري ڏسان هيڪر
پرينءَ جي پار ڏي پرور، داتي ٻيڙي تري منهنجي

پون تا پور هي پلپل، وڃان اڏري مديني ڏي
مديني کان سوا هتڙي، نٿي "صادق" سري منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سڄي ضلعي جا امير هاڻي جلدي آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

مٺا مديني جا والي، منهنجا هٿ تي خالي
مٺا ماڙ ڪجاڻ مير، اوکي ويل تون امير

ڪس قلب منهنجي ۾، گهرڙو ڪيو آ
غفلت ۾ مون ب، ترڙو ڪيو آ
مون ۾ بيحد بي افعالي، منهنجا هٿ تي خالي

ڏسي ڏوهه ڏنگايون، ڏيل ڏکي تو
هرهڪ عضوو، پنهنجو بکي تو
ڪجاڻ راٺل رکوالي، منهنجا هٿ تي خالي

توکان سوا ٻي، واهه نه ڪائي
سهٽل سائين، ڪريو ٻلائي
مٺيو منڊايون مٺالي، منهنجا هٿ تي خالي

ڪوجها ڪنا ڪم، منهنجا جڏا هي
"صادق ملڪ" آن، تنهنجو مداهي
آهيان بخشش جو سوالي، منهنجا هٿ تي خالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تنهنجي ڪاوڙ ۾ آ ڦوب گهٽو

## نعت رسول مقبول ﷺ

مظلومن ۽ محتاجن جو، اڳواڻ مديني وارو آ
سڀ ڏوپي ويندا رحمت جو ربي، مهراڻ مديني وارو آ

گنهگار نه گهٻرايو ڪڏهين، هوندو وچ ۾ اوهان جي نور نبي
الله کان عاصين کي آجو، ڪندو پاڻ مديني وارو آ

محبوب ڪندو نيت رب راضي، امت جو ٻڏل ٻيڙو ترندو
جنت ڏي وٺي هلندو سائين، آيو هاڻ مديني وارو آ

ناموس رسالت جي خاطر، رب محشر جو ميدان جوڙيو
رب چوندو ڏسو محبوب منهنجو، سرواڻ مديني وارو آ

ٻلي لوڪ وساري "صادق" کي، در تان پيو ڏڪاري "صادق" کي
سگدر مان مديني واري جو، مون کان مديني وارو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ڏسي تنهنجو حسن ۽ جواني جو ڀن

## نعت رسول مقبول ﷺ

پڙهه قـرآن ۾، زمين آسمان ۾،منهنجي محبـوب جو شـان آ
جن و انسان ۾، حور و غلمان ۾، منهنجي محبوب جو شان آ

منهنجو ســجڻ بـــي مثال تي آيو،جڳ اندر لڄپال تي آيو
ڪلمي آذان ۾، زمين آسمان ۾، منهنجي محبـوب جو شـان آ

مولا ســـــينگاريو حــــــضور نبي آ،نورو اعليٰ نور نبي آ
هردو جهان ۾، زمين آسمان ۾، منهنجي محبـوب جو شـان آ

جلوي نمائي جيئن تي جڳ ۾،ائين نہ تي آ ڪنهن جي اڳ ۾
منهنجي ايمان ۾، زمين آسمان ۾، منهنجي محبوب جو شان آ

"صادق ملڪ"حبـيب جي صدقــي،عزت ماڻي آهي وڏ ڪي
چوڏر چوڻان ۾،زمين آسمان ۾، منهنجي محبوب جو شـان آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: لک درد ملن لڇپال محمد وينو آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

شل مولا ورائي واڳ، مديني پاڪ وڃان
منهنجا پلا تين پر پاڳ مديني پاڪ وڃان

ڏسان پياري پرينءَ جو پاڙو
رکيو سند ۾ آهي ڪچاڙو
ماڻ واري مديني جي ڊاڳ مديني پاڪ وڃان

پاڙو پاڪ پرينءَ جو پيارو
ڏيان اکڙين سان مان ٻهارو
گهمان محبن جا وچي ماڳ مديني پاڪ وڃان

پير رهان پرينءَ جي در تي
هجي روضو نبيءَ جو نظر تي
پوءِ ننڊ هجي يا جاڳ مديني پاڪ وڃان

چوي "صادق ملڪ" ثناگر
آهيان مدنيءَ جو مان گداگر
هتي نهوڙيو آ نپاڳ مديني پاڪ وڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: خسروي اڇھي لڳي

## شانِ معراج النبي
## نعت رسول مقبول ﷺ

معراج ماڻيو مصطفيٰ جي ذات،مان صدقــــــو وڃان
تاريخ هئي رجبي ســــتاويھين رات،مان صدقـــو وڃان

اڳين ڪو نہ ڪو رب سان مليو،جيئن مصطفيٰ آ روبـرو
اَلتحــيات جي ڪيڪار تي،ملاقــات مان صدقـــو وڃان

فڪان قـــاب قوســـين او ادنيٰ،ســـندي رهاڻ تي
مؤلا محمد ســـان ڪئي،جا بـــات مان صدقـــو وڃان

اسارنهن ورهہ جي راتڙي،هڪڙي گھڙي تي گھوٽ لئي
پاٻوهہ ســـان تي پيار جي،شـروعات مان صدقـــو وڃان

ڇا ڏيـب ڏاتر آ ڏنو،مرســــــــــل محمد کي مٺي
رمز کان واقـــف نہ مخلوقـــات مان صدقـــو وڃان

بـــس! گفتگو هو پيار جو،ڪھڙو لڪي ڪھڙو لڪان
حـــورن فرشـــتن جي لبن،صلوات مان صدقـــو وڃان

”صادق“ثناگر آهيان،عربـــــــــي محمد گھوٽ جو
جيڪو پڙهي مرسـل مٺان،هيءَ نعت مان صدقـو وڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: دل جو ارادڙو آ جيڪر مديني مرجي

## نعت رسول مقبول ﷺ

الله ڪيو اوهان تي، نازل نبي قـــــــــرآن آ
صدقـو وڃانءِ سائين، شاهي اوهان جو شـان آ

ڪيڏو ڪريم توسان، قـــــادر جو پيار آهي
نـالي خدا ڪـان تنهنجـو، نالـو نـہ ڌار آهـي
ڪلمي قـــــــــرآن ۾ گڏ، آيو اندر آذان آ

نبـــين سين ۾ تون آن، ســــردار يا محمد
اڙيـــن اڀوجهــڙن جــو، آڌار يــا محمـــد
واطيعو رســـول آيو، قـــرآن ۾ بـــيان آ

جي تون ڪرين اشــارو، چنڊ چيرجي آ آيو
سج بـہ سڄڻ تنهنجي لاءِ، واپس مؤلا ورايو
معجزا مڃي نہ جيڪو، ســو ڇڻ وڏو نادان آ

محبت ۾ تنهنجي مولا، قسم کڻي تـو سائين
چادر مبـــارڪ ۽، زلفن جا پيو ســـدائين
عرشِ معليٰ تي مٺڙا، توکي سـڏيو رحمان آ

"صادق فقـــــــير"جي آ، توکي پارت پيارا
محبـــوب مير مرســـــل، مٺڙا مديني وارا
"عاجز ملـڪ" اوهـان جـو سگدر ثنـاخوان آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ڇالاءِ ٿو ڇنڊين ڇوهه توکي ڇا نه ميلو آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

ڪڏ مڪ نه وينئي محبوب جي نوري جسم تي
پاڇو نه ٿيو يار جو آيار قســـــــم تي

ســـرس ڏني ســـونهن خدا پاڪ نبيءَ کي
ڪير آ جو روڪي سگهي راض ربــــيءَ کي
محب ۽ محبـــــوب مليا، عرشِ اعظم تي

عربــيءَ کي ڏسـي هرهڪ، اصحاب ٺري پيو
ڪڪر ڪريمن جي مٿان، ڇانو ڪري پيـو
قربـــان ڪروڙين ٿيا، تنهن دم قـــدم تي

گهنڊڙو ڪولي گهوٽ گهمي، شمس شرمائي
جهٽ پٽ ۾ وڃي جهڙ ۾ پيو، پاڻ لڪائـي
سڄ بـه سڙي ها لڪو، هاديءَ جي حـڪم تي

الله جا احســــــــــان نبي، پاڪ مليو آ
رســـــول پيا ريســـــون ڪرن، ڀاڳ کليو آ
اڄ گهريو ڏنو عربـــي، رب پاڪ رحـــم تي

ثنا ڪهڙي ڪندين، "صادق" حـبـيبِ خدا جي
"ملڪ" مني مصطفيٰ، نبي نـور الهـديٰ جي
واکاڻ جنهن جي واحـد ڪئي آ، اعليٰ اتم تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: مولا ڪري اچي اهڙي ڪائي رات

## جشن عيد ميلاد النبيﷺ

اچو گڏجي سڀ پوڙها جوان ٻار، سهڻي نبيءَ جو ميلاد ملهايون
پيدا پيغمبر ٿيو پڳدار، سهڻي نبيءَ جو ميلاد ملهايون

آيو آ عرس مهينو مومني، مؤمن توکي مبارڪ
جڳ جو رهبر مليو محمد، ڏنو الله تبارڪ
رنگڙا رچي ويا ميلڙا مچي، خوشيون ملهايون سڄي سنسار

آمد عربي گهوٽ جي آهي، هڪبئي کي ڏيو واڌايون
ياڳ ڀلارا آهن اسان جا، ڇو نه ميلاد ملهايون
پاڻ پرور، خوشي سرور، سيني ملائڪن سان ڪئي ستار

بت پرستي بڇڙائپ هئي، جام جهان ۾ جهالت
مگر عربي گهوٽ جي آئي، دين مليو آ سعادت
بت پيا ڀڃي، ڪلمو ڪهي، توحيد جي تي تڪڙي تار

آجو عيبن ڪان ڪيو الله سائين، مير محمد ڏيئي
پڙهو صلواتون سلام سچڻ تي، شام و سحر سيئي
نبي آمليو، ياڳ آ ڪليو، سين نبين جو نبي سردار

بابرڪت هي آهي مهينو، ربيع الاول جو سڳورو
”صادق ملڪ“ احسان الله جو، ٿورو ناهي ٿورو
شڪرِ خدا، مليو مصطفيٰ، نور منجهان ٿيو نبي نروار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جوڙ ننڍي پيو جلدي ۾

## نعت رسول مقبول ﷺ

اي تاج ڌڻي محبـــوب مٺا، بـــدڪارن جي توکي پارت آ
گهوٽ مديني وارا ســـــائين، گنهگارن جي توکي پارت آ

ســام پيا هون ســڄڻ هي ســارا، ڪوتا ڪريا سڀ عيبن وارا
معافي وٺي ڏي مدني پيارا، بـــيڪارن جي توکي پارت آ

آسرو دل کي وڏو آ تنهنجو، نظرِ ڪرم ڪر نبي سائين پنهنجو
قــبر حشــر جيئن تيم ســهنجو، عرضدارن جي توکي پارت آ

حــاضر هر هنڌ حــضور آهين، مشــڪل ۾ تون مدد رســائين
نور من الله نور ســـدائين، ســـڪ وارن جي توکي پارت آ

"صادق" ثـناگر تنهنجو آهيان، لکين ڪروڙين ڪرم تو پـانيان
مٺا مولـود تنهنجا تو ڳايـان، مـون پارن جـي تـوکـي پارت آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تنهنجي زلف جي بند

## نعت رسول مقبول ﷺ

چايو جام محمد رات ادا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا
هئي هرجا مبارڪ باد سدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا

مڪي پاڪ ۾ مينگهه ملهار ٿيا، ٿهي ٺاهڙ جيئن ڏڪار ويا
سڀ سڪر ٿيا مزيدار مدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا

جڏ تاج ڏٺي پير پاتو آ، بت ڪافر جي ٻـسـچاتو آ
ڪري سجدو ڪِري پيا، سڀ ناخدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا

ڪريو ڪوٽ ڪسريٰ جو ڦهڪو ڪري، تڪا ڪافر پڄندا سهڪو ڪري
حيران ٿيا بت پرست جدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا

اڻ گهريو الله احسان ڪيو، مٺو مير محمد ضمان ڪيو
شڪر حمد خدا جا پڙهون پيا سدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا

وهواه خدا رنگ لائي ڇڏيا، مٺا مرسل مير ملائي ڇڏيا
ڪري "صادق ملڪ" سرڙو فدا، ڪي هت خوش ٿيا ڪي هت خوش ٿيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تنهنجي زلف جي بند

## نعت رسول مقبول ﷺ

تنهنجي حسن کيا مشتاق گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي
بيمار ٿيا چست چاڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي

جڏ ڄام محمد ڄائين تون، ٻڌجي رحمت رب جي آئين تون
خوش ٿي سڏ کيا افلاڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي

آئين صبح سوير سهڻا سڄڻ، مکي پاڪ اندر ٿيو تنهنجو اچڻ
ٿهڪي گل نڙي پيا ٺاڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي

آيون حورون هزارين ملڪ ملي، گهر عبدالله جي خوش ٿي کلي
ڏسي شرير ٿيا شرمناڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي

پيا لات و منات ڪنبي ڪري، ٿيو ڪوٽ ڪسريٰ جو ڀورا ڀري
اڏي در دريون ويا ٺاڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي

تنهنجا سوين ثناگر "صادق" ٿيا، ڪيئي "ملڪ" مجاهد عاشق ٿيا
تنهنجي عشق ۾ ٿيا بيباڪ گهڻا، ڪي هن پاسي ڪي هن پاسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خدا تنهنجو آهي، ســــــــردار نبي
معافي گهوڻ گهرون ٿا، ٻيڙو تار نبي

جنهن کي بخشين تون بخشي ٿـو سگهين
گنـهگار کـي جنت ڏئـي ٿـو سگهـين
خدا تـوکـــي ڏنـــو آ اختيـــار نـــبي

وار وار وٺي ناهـــي عيـــبن کـــان
هٿ کيئن کـيان تنهنجي دامـن کـان
ڏســـــي ڏوهه ڏکان پيو پڳدار نبي

ٻي واهه ناهي وڃون، کنهن جي تـڏي
پيا ٻوڙي ڇڏيندا، کنهن کوهه کـڏي
سـائين صدقـو وڃانءِ ، لهجان سـار نبي

تون آن نور نبي،جنهن ۾ شـــــک نه آ
مجي جيکـو نٿو، تنهن کـي نـک نـه آ
تون آن حـــــــاضر و ناضر،دلدار نبي

اهـــڙو دوُر اچي ويـــو، ٿي پناهـــه کپي
تنهنجي شفقت عشق، شهنشـاهه کپي
جيئـــري ديـــس پنهنجـــو، ڏيکــار نـــبي

هيءَ کرت هلي،ڏينهن قـــيامت تائين
آهي "صادق ملڪ" جيئرو، جيســـتائين
نعت تنهنجي لکـان پيـو، هـر وار نـبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جواني ماڻي جاني يار ڪولي ڪارا

## نعت رسول مقبول ﷺ

ڏسي مدينو ڇوڏار، سهڻا سهڻي جا سينگار
ويهي روضي جي پر ۾، اکيون ٺڏيون ڪيان مان

منو ديس دلبر جو آ، تڏهن دل هي تانگهي ٿي
مونتي مهر مرسل جي بس، ڪيي هرڻي وانگي ٿي
شل راضي ٿئي دلدار،چوي هلي آ حبدار

اڃايل تہ مان ٻـ آهيان، سڪايل ڪنهن سالن جو
ڇمان چاهہ مان وڃي ڇاڻ، آهيان ڏيرو حالن جو
آهيان گناهن ۾ گار، وانـدو ناهي ڪوئي وار

ڪري نظر نيلن ڏي، نت نعت ناهيان نئين
"مِران شل مدينا يا استين، همي ئي خواهش مئين"
ڏسي گلڙن جا گلزار، جايون جبل ۽ جنسار

مدينـي جـا ماڻهـو منڙا، مدينـو منو آ "صـادق"
خدا ڪيو رهاڪو سنڌ جو، مقـدر تنو آ "صادق"
ويندا "عاجز" ڇئي آزار، ڪري دلبر جا ديدار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: منهنجي مال گهر جا مالڪ

نعت رسول ﷺ

ناهين خوبـــــــــي خصالت، مون ۾ مديني وارا
بـــس بـــي اصول آهيان، ســـهڻل ڏي تون ســـهارا

جهاتـــي پائـــي چاتـــيءَ ۾، جڏهين ڏٺو مـون روئـي
ويران ويڙهي وانگر،هيڙا گناهہ ســـــــــارا

چرڪ اٿـن ٿا هرهر، ياد اچي ٿـو محشـــــــــر
مـون وٽ ڪـا نيڪـي ناهـي، پر پاپ ۾ پيــارا

آهيـان هٿين مـون خالي، مونکـي مـرم ٿـو مـاري
ويهي مون هن وچايا، ڪيئي اونهارا ســـــيارا

محشر جي ڏينهن مدني،منهنجي ڪجانءِ شفاعت
مـون ۾ مٺـين منـدايـون، ويـــڙا وڏي مونجهـــارا

تنهنجـــي تڳي تڳان ٿـو، منهنجـــا مٺا محمـــد
مون "ملڪ" ۾ موچارو، "صادق" اوهين ســـچارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: اول چمي ڳل ڳالهہ ٻڌائي ناني کا

نعت رسولﷺ مقبول

هيڪر الله سائين حياتيءَ ۾ تہ مدينو ڏيکار
پوءِ ڀلي هن عاجز، کي تون مولا مار

گنبد خضريٰ پاڪ نبيءَ جو روضو ڏسان
هاڻي منهنجي تون والي ،مديني ڏي واڳڙي وار

آس اندر ۾ اچ اکڙين کي آهي گهڻي
پاڪ شهر جو پرور سائين، پاڻي پيئار

حبيب الله سان، حال اندر جو، وڃي ونديان
گناهن ۾ گار آهيان، چوندس تون تار

عيبن ۾ اپنار آهيان، ناهين وار واندو
واهہ ناهين ٻي وڃان ڪاڏي تون دلڙي ٺار

"صادق" سڪندو سال رهي ٿو، مديني لاءِ
ريءَ سمري ڪي، سرور سائين پر ڏئي اڌار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سير سبحان الذي اسريٰ

## نعت رسول مقبول ﷺ

کهڙي نموني مان ڪيان، تنهنجي ثنا يا مصطفيٰ
آهين امام الانبـــــياء، حبـــــيب خدا يا مصطفيٰ

قــــرآن ۾ واڪاڻ آ، تنهنجي حبــــــيبِ ڪبريا
الحمد ڪان والناس تائين، نور الهديٰ يـا مصطفيٰ

لفـظ مٺڙا نــام ۾، ڪيـڏا نـه آهـن پُر لطـف
يا محمد بـــس هجي، لبـــڙن ســـدا يا مصطفيٰ

لوح و قلم سج چنڊ تارا، جنت دوزخ حوران پريون
الله تولئـــي آ جوڙيـــو، ارض و سمـــا يـــا مصطفـــيٰ

الله ســـــــان ڳڍ آ الڪيل، نالو تنهنجو هرهنڌ نبي
برابـــــر خدا ناهين خدا، ڪان تون جدا يا مصطفيٰ

ناهين طاقـــت چا لکي، تنهنجي ثنا "صادق علي"
بـــــــس پيناگر آهيان، در تي فدا يا مصطفيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: غم دنيا ۾ پيا گهڻا پر عشق جو غم

## مولود شريف

ساري جهان جو رهنما، سالار اچ پيدا ٿيو
يعني محمد مصطفىٰ، مهندار اچ پيدا ٿيو

جهڙ جهالت جو لٿو، پوڄا جا گهر پرزا ٿيا
توحيد جو نعرو لڳو، ننگدار اچ پيدا ٿيو

ربيع الاول جي ٻارهين، مرسل مڪي ۾ آئيو
سرها ٿيا گل ڦل ٽڙي، گلزار اچ پيدا ٿيو

گهر آمنہ جي گهوٽ آيو مرحبا صد مرحبا
ڪل انبيائن ائين چيو، مختار اچ پيدا ٿيو

قربان ٿيا قمر ڪتيون، جهڪي ستارن ڪيو سلام
شمس ٻـ شرمائي پيو، سردار اچ پيدا ٿيو

خود خدا خوش ٿيو گهڻو، ارض وسما ۾ عيد ٿي
هئي مبارڪ باد جي، ڪيڪار اچ پيدا ٿيو

پکڙين ۽ پرندن ۾ پچر هئي، سرور ڪائنات جي
”صادق“ سوين صدقي ٿيا، صدبار اچ پيدا ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: نہ بنگلو گھري ٿي نہ ڪا ڪار گھري ٿي

## نعت رسول مقبول ﷺ

نہ تونگر جي طلب آ، نہ افسـر جي طلب آ
ڏسان منڙو مدينو، هي سگدر جي طلب آ

صبـــح شـــام دل کي، آرام ناهي
هٿان ٿو نـہ هـرگز، هـتي ڀاڻ ناهـي
پسـاـان پاڪ روضہء اطهر جي طلب آ

مدينــو مدينــو هينئــڙو ٿو ٻولي
مولا مدني صدقـي، ڪندو سانگ سولي
وڃي ڏيهہ ڏسبـو، هي نڏر جي طلب آ

ماڻهو ملڪ منڙي جون، ڳالهيون ڪرن ٿا
فراقـــن ۾ منهنجا بـــ، ڦنڙا ڪُرن ٿا
وڃان مان بــــ هليو، آربر جي طلب آ

"صادق ملـڪ" جـي آ، اٿـڻ انـدر ۾
اکڙين جي آڏو هجي بـــس نظر ۾
محمـد جـو روضو ثنـاگر جـي طلـب آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سير سبحان الذي اسريٰ

## نعت رسول مقبول ﷺ

مٺڙي نبيءَ جي معجزن، قـــرآن تان صدقـــو وڃان
الله تعاليٰ جي ڪرم، احســـان تان صدقـــو وڃان

امـان آمنـہ فرمايـو هيئـن، جڏ گهوٽ ٿيـو جلـوي نمـا
نظر شـــام جون ماڙيون آيون، اعلان تان صدقـــو وڃان

بـــي جان پٿرن بـــہ پڙهيو، ڪلمو رســـول الله تي
جنهن لئي ٽڙ سڪل سڄا ڪا پريا، ان جوان تان صدقو وڃان

ڇا پيالو پاڻيءَ جو ۽، لشـــــڪر سمورو ويو ڍاپجي
سبحـان الله سهڻا سڄڻ، تنهنجي شـان تان صدقـو وڃان

ڪيئن مئل زنده ٿيا، ٻچڙا ســـهڻي جابـــر ســـندا
هيءَ مهر ڪئي مدني مٺي، مهربـــان تان صدقـــو وڃان

ڀاڳوارو آ ڀلارو، محبـــــوب جو ثناگر ســـــچو
نَنڍڙي مداهي ۽ وڏي نعت خوان تان صدقـــــو وڃان

”صادق“ ڪري ڪهڙي ثنا، ناهي طاقـــــت تحرير ۾
”عاجز“ ســـــندا الفاظڙا، ماڻين مان تان صدقـــو وڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: تنهنجي پيار سر جهڪائي ڇڏيو

نعت رسول مقبولﷺ

سڀ ڪجهہ مليو تنهنجي ڪري،
نہ تہ جڳ ئي ٿهي ها ڪو نہ سائين
سڄ اڀري لهي ها ڪو نہ سائين

ارض و سما گلزاريون ٿيون،
شرقيہ غربيہ بهاريون ٿيون
پيئون ڪير جا پيالا ڀري

تون نبي لولاڪ جو
تو سير ڪيو افلاڪ جو
چمي عرش قدمن پيوٽري

ڏنيون ڏورا سمنڊ سارا
صدقي تنهنجي پيار وارا
پيو چاهہ مان چانگو چري

"صادق ملڪ" جي ذات ڪا
ظاهر نہ ٿئي ها بات ڪا
پيڙو طفيلي پيو تري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: رڳو منهنجي خطائن ۾ تي نظر

## نعت رسول مقبول ﷺ

فاني آخر فاني آهي ٻـــــندا، هڪ ڏينهن ايندو موت مرڻو آ
ڪجهه يـاد خدا ڪـر تـون پائـو، هـي ڏيهـ ڏاڏاڻـو ڇڏڻـو آ

چو واحـــد وينين وســـاري تون، غفلت ۾ زندگي گذاري تون
متو چاندي ٿيء ٻـــ چندائي ۾، ڏينهن رات رڳو تنهنجو ڊرڻو آ

هرهڪ ســـاهه وارو موت چکي، قـــرآن ۾ تو الله لکي
ڏر ڏيهـ ڏٺـي ڪـان توبهـ ڪـر، وڃـي واپس پو ڪـين ورڻـو آ

ڪيڏو ڪائي ڪائي ويو آن مچي، مولا کي ڏنء ســجدو نہ اچي
نيڻ ســامهيءَ ۾ سمهندين ســورهه، خبرون پونديء ڇا ڪرڻو آ

توکي جيڪو چڱائي چئي تہ چڙين، ڏند ڏيکاري تنهن سان ٿو وڙهين
پنهنجي جـوين تـي رڳو نـاز اٿـئي، رڍ ترهي توکـي ترڻـو آ

ميچ "صادق ملڪ" جي ڳالهه ســچڻ، اڄلي تون اندر مان ڪڍ لوڳڻ
ڪر ســينو صاف شــفاف صفا، آخر تہ اجل ٻـــ اچڻو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جب پيار کيا تو ڈرنا کيا

## نعت رسول مقبول ﷺ

اڄ يـــــار مديـــــني جـــون ڳالهيـــون کيـــون،
ســــيد البــــلدان شـــــــهر نبيءَ جو
نـــــت نـــــت نيـــون نراليـــون کيـــون.

طيبـــــــ طاهره ديس نبيءَ جو، دل کي وڻي ويو ويس نبيءَ جو
قـــلب الايمان آهي مدينو، روئيُ دليون پنهنجون پالهيون کيون

الناجيته نبيءَ جو مدينو، الشـــــــــافيته جو آهي خزينو
حســـــين ۽ جميل مدينو منور، چو نہ وڃي صاف ناليون کيون

ولمدينتـــــہ خير لهـــم، لـــو کانـــو يعلمـــون [1]
دل جو قـــــرار مدينو آهي، عشـــــق وارن اکيون آليون کيون

"صادق ملک" غبـــــارِ مدينا، چيو شـــــفا ســـرکارِ مدينا
واديءَ شفا منجهان خاکِ شفا وجهي، اکڙين منجهہ اڄاليون کيون

1 ترجمو: ۽ مدينو انهن لاءِ ڀلو آهي، هائو جي ڄاڻن ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: دل چوي ٿي دلربا آئينو تنهنجو هجان

نعت رسول مقبولﷺ

يامحمد مصطفيٰ ساهه سينو ٺاريو
گنبد خضريٰ دفعو، هڪ اکين ڏيکاريو

آس آ ديدار جي، دل چري دانهون ڪري
ڏار ٿوريءَ سنڌ ۾، ڪو نه ٿي منهنجي سري
مان مديني ڏي اچان، واڳ منهنجي واريو

سائي روضي جون سهڻيون، روز تصويرون ڏسي
يا حبيبا هجر ۾، هاڻ پئي منهنجو قسي
پنهنجي سگدر کي آقا، ريءَ ترهي تاريو

آ اندر ۾ آرزو، مان مديني کي ڏسان
وڻ ٽڻ جايون جبل، رستا گهٽيون پاهڻ پسان
هرصحن سبحان الله، سرهاڻ آ سينگاريو

آ تمنا تاتڙي، مان مديني ۾ مران
تنهنجي پيرانديءَ ۾ پورن، لحد ۾ نه پهه ٺران
سائين قسمت کيو چڱي، ولهي کي نه وساريو

پياس آ پلپل مديني جو اچي، پاڻي پيئان
هي مداهي "ملڪ صادق" پو مران توڙي جيئان
سائين سگدر آهي سنيريل، چاهه مان چچڪاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: هل تہ هلون يار ٻيئي گهمڻ ڪچي

نعت رسول مقبول ﷺ

منڙي مدينـــي ڪــان متي، ڪهـــڙي ڳلـــي آ
شـــام و صبـــح رحمت جي، ٻـــوند پلي آ

محبـــــــوب خدا جاني، جنهن جاءِ آرامي
جڳ ٿو قبـــــــولي تنهن، در جي غلامي
پاڳواري پونءِ پلـــــي، يــــار هلـــــي آ

ســـــاراهہ ۾ سنســـــار چوي، واهہ مدينو
هرهڪ بـــــ پســـند ڪيو، آهي الله مدينو
مشــــــڪ عنبر جي ڄڻ، ڪا هير گهلي آ

شـــوق منجهان شـــهر گهر، چڙهہ نہ ســـواري
جتي گهوٽ گهميو، گهٽڙين ۾ آهي بهـاري
ماٺهو مٺا عربـــــن ســــــان، منڙا ملي آ

مولا مديني ڏي منهنجي، شـــــل واڳ ورائي
اچان چاهہ منجهان چائٽ چمي، گهوٽ گهرائي
روح انـــــدر روچ راڙو، جـــان جلـــــي آ

پاڪ پيئـــان پاڻـــي آهـــي، آس انـــدر ۾
مـــون "ملـــڪ" مداهـــي رهــان، اداس انـــدر ۾
ســــــڪ ۾ ســــدا روئندو ادا، "صادق علي" آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: دل وارو ماڻهو ڏکيو وسرندو آ

## نعت رسول مقبول ﷺ

مديني جون گهٽيون، گهمڻ دل گهري ٿي
مدينو منور، روضہ اطهر محبوب جو گهر
ڏسڻ دل گهري ٿي

ڏٺي واڳواري مديني جون ماڙيون،ڏسان باغ بنگلا جبلن جون چاڙهيون
رحمت جو خزينو،مدينو آ مدينو،اکڙيون ترن ٿيون ترن ساهہ سينو
وڃڻ دل گهري ٿي

ڪمي تہ جي ناهي، پاڪ سرزمين آ، رهندو جتڙي جانب حسينن کان حسين آ
اعلىٰ جاءِ آهي، نوراني آ منظر،فرشتا چمن ٿا محبوب جو در
چمڻ دل گهري ٿي

خدا خوبصورت بڻايو مدينو، گهمي شخص جيڪو بہ آيو مدينو
وڃڻ لاءِ ويچارو ،وري ٿيو تيار آ، سنڌ ۾ سدائين رهندو بيقرار آ
اڏڻ دل گهري ٿي

”صادق ملڪ“ چئي، ماندو هي من آ، مدينو آ جنت يا جنتي چمن آ
مديني شهر ڏي، وڃان شال هاڻي،پيرائتدي پرينءَ جي، پيئان پاڪ پاڻي
پيئڻ دل گهري ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ڪنهن ڳالهه جي نه ڳڻتي ڪبي، جيئي نبي

مولود شريف

آيو محمد مڪي پاڪ ۾
صلي الله پڙهه صلي الله

گهوٽ محمد چاڙهيو جنهن دم
ڪل انبياء وٽي حضرت آدم
آيو امڙ گهر منيءَ ماڪ ۾

عربي اڇڻ سان، بت ٻه ڍهي پيا
ابوجهل جهڙن جا، نڪ ئي لهي پيا
صلي الله ٻولي افلاڪ ۾

وڻ ٽڻ ٻوٽا ٽهڪي پيا سڀ
خوشبوءِ سان گلڙا، مهڪي پيا سڀ
خوشي جابجا ٿي وئي ٿاڪ ۾

جيجل جي گهر رنگ رچي ويا
مهل جنهين محبوب اچي ويا
فورن سڌارو ٿيو سفاڪ ۾

"صادق ملڪ" ٿي سرهائي
گهوٽ محمد ڪئي آيلائي
ٻگڙيل آيو اِنس اِدراڪ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: افسوس لو مسلمان رنج کيء الله کي

## نعت رسول مقبول ﷺ

محبوب مصطفيٰ تان، قربان ٿيا کروڙين
ماڻهو ملڪ هزارين، حيران ٿيا کروڙين

اگر ڪٿي جي عربي، چنڊ چيرجي آ آيو
سڄ بہ تابع سچڻ جي، پروردگار آ ڪيو
ڇا معجزا ڏيکاريا، ڇا ڇا نہ ٿيا کروڙين

مٺ ۾ ابوجهل ڪجهہ، لڪائي ڪٿي هو آيو
ڪلمو رسول الله تي، پٿرين پڙهي ٻڌايو
عاشق عقيق ٿيا ڪي، مرجان ٿيا کروڙين

نديءَ ڪان پار بيٺل، وڻ پيو گهرائي جاني
لا موسمي پيو ميوا، مدني قرائي جاني
بي جان بہ برابر، مستان ٿيا کروڙين

ڏسي جانور بہ جاني، دليون پنهنجون پيا ٺارن
ڪيئي اڻ ڏٺا بہ عاشق، هنجون حجر ۾ هارن
صدقي سوين ٿيا پر، دربان ٿيا کروڙين

ثناگر سچڻ جو "صادق" سارو آهي زمانو
هڪ تون "ملڪ" نہ آهين، محبوب لاءِ ديوانو
عاشق رسول الله جا، نعت خوان ٿيا کروڙين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: مان تہ منٿون ڪيان ٿو ملڻ لاءِ

## نعت رسول مقبول ﷺ

ڪرمـدد مدينـي وارا، توکـي پلپل پيـا ٿا پڪاريــون
الاهـم صلـي الله چئـي، رانهـون رهـبر تنهنجـون نهاريـون

وئي انســان منجهان انســاني، ڪرتوت ڪلئي شـيطاني
گهٽ ڪنهن نہ ڪئي آجاني، پرڪار کهڙا پرچاريـون

نوان روز ڏســــــــون ٿا نمونا، گهر گهر ۾ ڏش اٽنينا
ڪري مســجد ڪي ويران، جاءِ حـاجت جي ٿا سـينگاريون

اڄ دين ڪري ٿو دانهون، منـي مســــلم ويو ٿـي رانهون
وڏو انگريــزن جــو اثر آ، دل ڳٽــتيءَ ۾ ٿا ڳاريـــون

ڪئي ايمان حـــياءَ الودائي، رهي ناهي بـــرڪت ڪائي
بـــي ايمان وڏي ويا ويتر، سڀ سـڙي وڃن ٿيون ساريون

قـــانون ٿئي قـــرآني، ڪيو ســائين مٺا مهربـــاني
ٿي اسـلامي روايت جاري، پوءِ ٿينديون اسـان لاءِ بهاريون

تون ڏسين پسين ٿو سدائين، کهڙا سور ٻڌايون سـائين
چوي "عاجز ملڪ" مداهي، روئي "صادق" توکي سنياريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: صوفيءَ جي سوز ساز کي سمجھڻ

شان رمضان شريف

رحمت ڪٿي رمضان پلي آئين پلارا
ڪيئن آجيان ڪيان تنهنجي، مهمان موچارا

آمد سان تنهنجي قيد ۾ ابليس اچي ويو
نهه پهه تا نرن مؤمن، سنسار ۾ سارا

الله جي فرمان سان، جنت جا کلي در
تحت السرئِ ڪي ويا لڳي، تالا دوبارا

لفظن ۾ بيان ڪو نہ ٿيندي، تنهنجي فضيلت
قرآن جا ٿيا تو ۾ نازل، ٽيهہ سيپارا

ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، قرآن جون لوليون
رمضان تنهنجي صدقي لٿا، مونجھ مونجھارا

عملن ۾ جڏهن آهيان ڪچاڻ، تنهنجي سفارش
"صادق" جا آهن سهڻا سيئي، ڪر ڪسارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: ٿمي پيا نير نيڻن مان پيارن

## شان رمضان شريف

پلي رمضان شريف آئين، چوان صدبار بسم الله
کيان ڪيئن آجيان تنهنجي، اکين جا ٺار بسم الله

کٽي رحمت آئين بــــرڪت، تو ۾ آهي مغفرت
ڏســـي چنڊ مؤمن مرڪيا، پيدا ۽ پار بســـم الله

ڪروڙين قـرب قـادر جا، توســان ميلو ٿيو مٺڙا
اڄ شــيطان جا چيلا، ٿيا شرمســـار بســـم الله

خود قيدي خدا ڪيو آ، تو ۾ شيطان شومي ءَ کي
لڳي جهنم کي ويا تالا، بهشت سينگار بسم الله

مري جيڪو تو ۾ مؤمن، پڇاڻو ناهي پرور جو
منهنجو بـــــ تون ٿجانءِ لله ،مددگار بســـم الله

چوان تو مرحبا توکي، "ملڪ صادق" سدائين مان
پلي آئين پلارا تون، هينئين جا هار بســـم الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: غم دنيا ۾ پيا گهٽا پر عشق جو غم

شان رمضان شريف

الحمد الله چئو ادا، رمضان آيو آوري
مرحبا مؤمن چئو، مليو دلربا پئي دل ٺري

چنڊ ٻينو چؤطرف ٿي، چاھ مان چانڊاڻ آ
مسجدون مؤمن سجائن، ٿي ملڪ ۾ سرھاڻ آ
ايمان اڄ تازو ٿيو، شيطان پيو ڪنڌ پر ڪري

قرب ھي قادر ڪيو آ، سوچ اي انسان تون
روزا رک رمضان جا، ايڏو نہ ٿي نادان تون
بي وقوف ٿي بندا نہ، باري تعالي ڪان ٻري

رمضان آيو رحمت جو، الله ڪيو اعلان آ
بهشت سينگارڻ لئي اڄ، تيار ٿيو رضوان آ
دوزخ کي ويا تالا لڳي، مردود ويو منڪر مري

ڏن و جان سان آجيان ڪيو، مهمان آ مالڪ مڪو
سامي سندو سرٽيفڪٽ پيارو آ ڏيندو پڪو
ھي امتحان ادڙا آھي، ٿيو تار مان سرھا تري

"صادق فقير" جي سدا، جيڪر مران رمضان ۾
مهر ھي مالڪ ڪري، آھيان گندو مون جان ۾
رمضان جي صدقي خدا ڏي، ڪولي جنت جي دري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: منهنجو پرين اچي ٿو ٽولي ۾

تنهنجو بلند ڪيو رب شان آ
شاهِ مدينا شاهد قرآن آ

الحمد کان ٿيهه سيپارا سارا
واکاڻ سان واحد پر ڪيا پيارا

امام الانبياءِ ختم الرسل تون
يسين طٰه ۽ مزمل تون

لولاڪ لما ارشاد ٻـ تولئي
سنسار سڄڻ ٿيو آباد ٻـ تولئي

رب قسم ڪٽي تنهنجي شهر جا
مزمل چادر چهري انور جا

پارت پيارا پيناگر جي ٿي
"صادقِ ملڪ" ثناگر جي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: رب پيدا ڪيا لک پير تنهنجي ڳالهه

## شان رمضان شريف

رک روزا ادا رمضان ۾، رحمت ئي رحمت آ
رب پاڪ رکي قرآن ۾، رحمت ئي رحمت آ

رمضان شـــريف جو شـــان تہ ڏس تون،
قـــــيد ٿيو شــــيطان تہ ڏس تون
ماهہ انهيءَ مهمان ۾، رحمت ئي رحمت آ

چنڊ مبـــــــارڪ نظر جو آيو
دوزخ کـــي رب تالـــو لڳايـــو
جنت جي اعلان ۾، رحمت ئي رحمت آ

ســــــــاٿ نہ ڏينديءَ اها جواني
ضايـــع نـــہ کـــر ظاهـــر زندگانـــي
اچ الله جي ايوان ۾، رحمت ئي رحمت آ

قـــرآن شـــريف ســـان دل کر شـــاد
"صادق ملڪ" چئي ٿيندين آبـــــاد
ياسين تو ڙي رحمان ۾، رحمت ئي رحمت آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رب تعالي ڏنو رمضان، آيو ماهه ڀلارو آ
ڪر عزت عاليشان، آيو ماهه ڀلارو آ

دل ۾ نه سوچ ته آهي اونهارو
رب ۽ رسول کي ڏاڍو پيارو
جو روزا رکي انسان، آيو ماهه ڀلارو آ

رمضان جي صدقي رنگ رچن ٿا
شيطان پليد کي نيل لڳن ٿا
بند دوزخ جو اعلان، آيو ماهه ڀلارو آ

روزا رک فرعون نه ٿي
هامان نه ٿي، قارون نه ٿي
ڪر راضي رب رحمان، آيو ماهه ڀلارو آ

فرض خدا جا پورا ڪر تون
ڏيان ته دل ۾ ٿورو ڊر تون
نيت ڇڏيندين جهان، آيو ماهه ڀلارو آ

غفلت کان منهن موڙ ڀلو ٿي
مسجد سان جي جوڙ ڀلو ٿي
آهين مڙئا مسلمان، آيو ماهه ڀلارو آ

"صادق ملڪ" سرڪشي ڇڏ تون
مولا اڳيان هٿ ڊرمي ڇڏ تون
پڙهه قادر جو قرآن، آيو ماهه ڀلارو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: اڳهلي ويا الائي چو انسان توبہ توبہ

## شان رمضان شريف

دلڙي ٺري اســـــــــان جي، رمضان موٽي آيو
مرڪي ملهايو مؤمن، مولا ســــــــائين ملايو

رمضان شــــريف آهي، بــــرڪت ســـندو مهينو
رحمت جو اچ ڪڪرڙو، والي آهي وســـــــايو

دل ســـــــاڻ مرحبــــــا چئي،مهمان ڪي ڏيو مان
رهبر رســـول الله جي، حـــڪمن ڪي هينئين هنڊايو

رمضان ۾ ٿيو قــيدي، شــومي شـــڪي آ شــيطان
عابد ٻڌجي عبادت ۾، سر پنهنجي ڪي جهڪايو

رمضان جي فضيلت، ڇا مان مرتبـــــــــــــو آ
فـــردوس ۾ هونـــدا جـــن، روزو رکيـــو رکايـــو

پيارو مهينـــو آهـــي، رمـــضان جـــو سڳورو
نفل پڙهي نمازون، پرور ســــــــان پيچ پايو

عاجـــز جـــي التجـــا ء عـــرضڙو اهـــو آ
"صادق" بـــــــڌجي سيئي، رمضان ڪي ملهايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جڏهن هن دنيا مان گذاري ويندا سين

## رمضان شريف الوداع

وڇڻ جون ڪري ٿو، تياريون پيارو
ڀلارو مهينو، رمضان وارو

متي اڄ سياٽي، اجهي ماڳ ويندو
مسافر سان ميلو، ڀاڳن تي ٿيندو
رحمت ۽ برڪت، ڀريو سونهارو

مبارڪ مهينو، رمضان جو هو
سڄي ملڪ ۾ ذڪر، قرآن جو هو
الاهو الاهو، ذڪر جو تنوارو

درياهه رحمتن جو، وهي پيو جالارو
نصيبن ڀرين لاءِ، گناهن ڪفارو
رکيا جن روزا، لهي وين مونجهارو

سڄو سال "صادق" وڇوڙي جو آهي
جيئون تي نه جائي، ڪو اعتبار ناهي
ويندا سين مري يا، ملندو موچارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: لڙڪ منهنجا ڪير اگهندو

## ماهه رمضان شريف الوداع

اڄ سڳورو ماهه رمضان، موڪلايون ٿو وڃي
راهه ۾ روزائتن کي، اڄ روئاريون ٿو وڃي

سال ڪان مهمان پوءِ ٿيو، مس مس دلڙي ٺري
هاڻي وڃڻ جون يار وايون، ٿو ڪري جانب وري
مؤمنن جي مونجهه کي ويتر وڌايون ٿو وڃي

برڪتن ۽ رحمتن جو هو، ڪڪر اڄ ٿو وڃي
مهمان هو منٺڙو مهينو، هاءِ دگر اڄ ٿو وڃي
افسوس آ ڏاڍو ادا، جوڙيون جدايون ٿو وڃي

محبوب محمد مصطفيٰ، رمضان جي ڪئي آ صفات
پهريون ڏهاڪو مغفرت، رحمت ۽ دوزخ کان نجات
هاءِ اهڙيون دلربا، ٻوليون ٻڌايون ٿو وڃي

مسجدون آباد هر جا، هو تنوارو ذڪر جو
قرآن سان دل پئي ٺري، هاڻي ڪندا ڪيئن اسر جو
ذڪر ۽ اذڪار جا، مؤمن ماريون ٿو وڃي

يار هي يارنهن مهينن جون جدايون ٿو ڪري
ڪهڙي خبر ڪنهن کي، حياتي جي بچي يا ڪو مري
جسين جيئرا آهيون "صادق" سپ وساريون ٿو وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

طرز: نعري حيدري

نذرانہ عقيدت خلفاءِ راشدين

شــانن وارا جليل قــدر اصحــاب نبيءَ جا ســارا
ابوبــــڪرؓ عمر عثمان، حـــضرت عليءَ وارا
تعظيم ســـــان وٺ نالو انهن جي مولا وڏايو مان آ
چئو سبحــــان الله، چئو سبحـــــان الله

غار ثور ۾ پير ڏنگايو، ســـــهٽي صديق پياري
چو تہ هنج مبارڪ منجهہ آرامي، حضور ڪي ڪيئن اٿاري
نانگ بہ پنهنجا حيلا هلايا، بند ڪري ڇڏيائين چارا

حضرت عمر تان ساهہ ڪيان صدقو سهڻو جنهن جو نام آ
ڪيئي قــرآن جا حــافظ تي ويا، پرين پڙهايو ڪلام آ
تيا ڇنيهہ سو قــرآن جا حافظ ســهٽي پڙهايا سيپارا

ذي النورين عثمان غني آ، راضي جنهن تي رســـول آ
هيءَ سعادت ملي نہ ٻئي کي، بــڪواس تنهنجي فضول آ
جامع قـــــرآن آ جانب جاني، پنّي ڏس تون تارا

شـــيرِ خدا آ مولا علي، هي شـان بــہ ير ڪو شـان آ
تيــو تـولد ڪعبي ۾، جنهن تــي راضي ٿيــو رحمان آ
حســن حســين جو بابـو علي، هڻ حــيدر جا تون نعرا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حيف هجرۃ بـي عيبن ۾ چِو، عيب ڪڍين ٿو تڙيا تون
سـڪ ۽ پيار محبت وارا، شـايد نہ بـاب پڙهيا تون
روضي رســـــول ۾ گڏ رهن ٿا، پرور جا ٿي پيارا

"صادق" صدقي ساھ ڪيان مان، چئن يارن پنجتن تان
سهڻي رسول جا سهڻا صحابي، گهور وڃان مان تن تان
نالــو ٻڌي ٻئـي نيـڻ ٺرن ٿا، لهـي وڃـن مونجهـارا

پروردگار پارت تـي، آءُ ڏولـــڻ ڏنـــي آهيـــان
چارئي پهر گلا ۾ گذرن، ڪنئين نيڪي ڪائي ناهيان
پوءِ بـــ رکجانءِ لڄ لائڻ تون، آءُ معافي توکان چاهيان
تنهنجا پال پلايون پائيان، ڪر احسان مون عاجز تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: هل تہ هلون يار گهمڻ کچي

## شانِ حيدرِ ڪرار رضي الله عنه

صبـــح و مســـا دل ۾ آهي، نام عليءَ جو
حبـــدار آهيان حـــيدري، غلام عليءَ جو

لبـــڙن تي لجادار ڪي، گيتن ۾ جهونگاريان
پنجتن جي تاهيان پيار ۾ ڪلام عليءَ جو

صديق عمر عثمان ســان، عشـــق آ منهنجو
اندر ۾ آ آرزو، احـــــــــترام عليءَ جو

علي پاڪ جو آ پاڪ اســم، ادب ســان وٺجي
بـــي ادب آ دشمن ڏســـو، ســرِعام عليءَ جو

مدد ڪر مشـــڪل ۾ علي،منهنجي پڪار آ
خوش تي آهيون ڪائيندا، ڪلي طعام عليءَ جو

مان ٻار ٻچا گهـور ڪيـان، گهـرڙو سمـورو
"شـــــفيق" آهي "صادق" انعام عليءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سوين سهڻا دنيا ۾ پر

## نذرانه عقيدت

### شانِ حيدرِ ڪرار ﷜

عليءَ جو شـــان آ افضل، ٻڌائڻ جي نه طاقـــت آ
در خيبر جو ٻئي ڪنهن کي، اڏائڻ جي نه طاقـــت آ

عليءَ جي پاڪ نالي کان، ڀڄي ابـــليس ويندو آ
اسم ٻئي جي ۾ شيطان جي، ڀڄائڻ جي نه طاقت آ

لقـــب لالڻ جو آ ســـهڻو، علي ســـائين اســـدالله
شـــجاعت ۾ علي اعليٰ، گهٽائڻ جي نه طاقـــت آ

نبي ســـائين چيو خود آ، عليءَ کي مان سـجاڻان ٿـو
محمد کان سـوا ڪنهن ۾، سـڃاڻڻ جي نه طاقـت آ

علي ســـهڻو صداقـــت ۾، شـــجاعت ۾ عدالت ۾
سخاوت ۾ ثاني ڪنهن کي، سڏائڻ جي نه طاقت آ

سوين ،صادق "ثنا ڳائڻ، "ملڪ" مولا علي جي پيا
عاجز انســـان ۾ اصلي، ڳائڻ جي نه طاقـــت آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: اول ڇمي ڳل ڳالھ ٻڌائي ناني کا

## قصيده شريف

جنھن وقت کھي ڪربل ۾، حسينؑ آيو آ
هڪ شير ببرنر ٻڌجي، ميدان ملهايو آ

ناني نبيءَ جي دين جي خاطر لڙيو حسين
دين جو هر هنڌ شغل حسين مچايو آ

علي اڪبر بہ قربان ڪيائين، علي اصغر بہ
شاھ شهادت ماڻي دين بچايو آ

تيرن توڙي تلوارن جي بارش هئي
پوءِ بہ نماز سان پيچ حسينؑ پايو آ

جنت جي نوجوانن جو سردار حسين
زنده آهي امام اسان ائين ڳايو آ

مري ويو مردار شمر ۽ يزيد پليد
حيات حسينؑ آهي، قرآن ٻڌايو آ

مولا ڪري شل محشر ٿيم شهيدن سان
اها صدا ڪري "صادق" شعر هي ٺاهيو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: قسم خدا جو حيدر آ

## نذرانہ عقيدت

غوث الاعظم پيران پير دستگير بادشاھ جي شان ۾

حسني حسيني حامي آھي، محبوب سبحاني
ھڻ غوثيہ تون نعرو دل سان جلد ايندو جيلاني
پلڪ ۾ ويندو آھي پھچي، پيران پير پيارو
جيئي دستگير جيئي دستگير جيئي دستگير

اوکيءَ ويل ادا منھنجا تون، سڏ ڪري ڏس ساري
ٻڏڙيءَ وانگر ٻيڙو ويندءِ، يارھينءَ وارو تاري
محي الدين مصيبت ۾ ايندو، عبدالقادر جاني

سيڪنڊ ۾ سائين سار لھن ٿا، حڪم خدا سان ھڪدم
ھيءَ عنايت الله جي آ، ماڻي غوث اعظم
قرب ڪرامت ڪامل کي آ، مولا جي مھرباني

دم دم دامنگير آھيون اسان، پنھل پيران پير جا
يارھين يارھين يڪو وندبيندا، آھيون وٺا پري ڪير جا
ڪس نہ لڳندي قيامت تائين، رايو آ روحاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قـــادري طريقـــي وارو ڪامل، پير اســـان جو پيارو
آلِ علي آ افضل اعليٰ، ســـــيد آهي ســـــچارو
ثاني ســـچڻ جو ڪونهي ڇا، تشبـــيهہ ڏجي انســـاني

لکين ڪروڙين ڪرامتون مان، شـــعر ۾ ڪھڙيون ٻڌايان
بس تون ئي ڪٿي آزماءِ وجي، مان توکي سچڻ تـو ٻڌايان
يا غوثِ اعظم رس متا، اٿين ظاهر چئو تون زبـــــاني

الله وارن جي آســــــتانن جي، قبــــولي آهي غلامي
هيءُ "صادق ملڪ" سدائين آهي، پرچونديءَ جو سلامي
ڳوٺ ڏياٺيءَ منجهہ ٻڌن ٿا، ناقــــص جي نعت خواني

چئو سنّو

پروردگار پارت تي آءُ ، ڊولـــڻ ڏنـــي آهيـــان
چارئي پهر گلا ۾ گذرن ڪنئين نيڪي ڪائي ناهيان
پوءِ بـــ رکجانءِ لڄ لالڻ تون آءُ معافي توکان چاهيان
تنهنجا ڀال ڀلايون ڀانيان ڪر احسان مون عاجز تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جن ڪان جيئري يار جدا هوندا

## قصيده شريف (بلوچي)

مرشـــي ڪربـــل اندرا بـــيا نانا، معصوم ٻچووائين حـــال گند
بـــيس هوناش ســاروئين ميدان ڦر، علي اصغر ڪڪڙو ئين لالا گند

سئمي روشين ملغا آف د نئين،سختي سخت سهٽا سائين معاف د نئين
بي پرده بيسان اهل بيت علي، وسي هم شڪلين بيا رسولا گند

استين ريت گرم برپٽ بيابان،دهمي هڻور ڊولا چڪا گوارغين ڪان
تير تلوار تہ ڪمي د نئين، بــــيا بــــٽچي مناختان يالا گند

ڪوفا شــهر مســلمان مڙغين تي، تئين دين ڪندو آگوم لڙغين تي
يل جان بــــرؤ تئين دين بچي، اســــتون دين تئين متوالا گند

پرواهہ نبي ســـائين نانا نئين،تيئن دين زنده بـــي تي معنيٰ نئين
يزيد پليد نہ حـــڪم مجان، داســءِ قـــرب مرشـــي قـــرب والا گند

ڪربـو بـلا مرشي سارغين نون،بـي حسـين شـهيد پڪارغين نون
ترا "صادق" پارتين نانا نبي، اســــتين عاجز عربــــي جيالا گند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: جب پيار کيا تو ڈرنا کيا

## نذرانه عقيدت

حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله عليه باني ڀرچونڊي شريف

فيـــض جـــا دريـــاء وهائـــي ڇڏيـــا تـــو
حـــــــافظ محمد صديق ســـــــائين
راڄن کـــــي رنگ لائـــي ڇڏيـــا تـــو

شـــرڪ بـــدعت جا لاهه ڪيا تو، غفلت مان گمراهه ڪڍيا تو
رب رسول جي راهه ٻڌائي، ٻي سمجهه سوين سمجهائي ڇڏيا تو

اســلامي اصولن جي پاسـداري، ڇوٻول تنهنجو آهي ڇوڏاري
نـظام نـبيءَ جـو نافـذ ٿي هـي، ٻهڳڻ ٻول ٻڌائـي ڇڏيـا تـو

جت جت سـائين تنهنجو سـفر ٿيو، رحمت جو پالوٽ ابــر ٿيو
ويران دلين ۾ والي ويهاري، پرور ســـان پرچائي ڇڏيا تو

ســائين ســجاده نشــين پيارو، ســاڳي صورت ســيرت وارو
شــيرِ خدا جي آهي نشـــاني، مرشـــد ميلا مچائي ڇڏيا تو

جهول جهلي آ خالي پر تون، نظرِ ڪرم ڪا مرشـــد ڪر تون
"صادق ملڪ" جهڙا بـــدڪار، دامن منجهه لڪائي ڇڏيا تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: سهندو ڪير ميار لو يار

نذرانہ عقيدت

مرشد و مربي حضرت قبلہ سائين عبدالخالق دامت برڪاتہ عاليہ

مرشــــد منڙا ســـائين ســـردار
عبـــدالخالق ســـائين ســـردار
هرهنـــڌ تنهنجـــا آهـــن نعـــرا

صورت تنهنجي سبحــــــان الله
ســـــــــــيرت ۾ آهين ٿمتار

ماڪي مصريءَ ڪان بـــــ مٺي آ
گهــور وڃــانءِ تنهنجــي گفتــار

موهي من مســــــتان ڪرين جڏ
دلبر پائين تون دســـــــــتار

پرچوندي شــريف ۾ تنهنجا جلوا
هــوُهــوُ الله هــوُ آهــي تنــوار

"صادق ملڪ" هي تنهنجو غلام آ
لهجو "ڏياٽيءَ" منجهہ ســـنيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: مان نٿو چاهيان تہ مون وٽ سون چانديءَ

## نذرانہ عقيدت

### خانقاه عاليہ قادريہ پرچونديءَ شريف

فيض پرچونديءَ جو آهي، پوري پاڪستان ۾
مولا ڪئي مقبول درگاهہ، عرب ۽ ايران ۾

حافظ محمد صديق باني آ درگاهہ جو
مصطفيٰ جو آ پيارو، پيارو آ الله جو
هي ولي الله والي، موڪليو ميدان ۾

خانقاهون ڪيتريون آهن، نوراني نور سڀ
شرڪ بدعت هر برائي، ڪان برابر دور سڀ
پر پرچونديءَ پريل پرپور آهي، شان ۾

هيءَ جماعت جانبن جي، ڪڏ نہ ويندي کوٽ ۾
فيض سان فيضياب ٿيو، هر شخص تن جي اوٽ ۾
اهڙا ڪيئي قرب سان، رنگجي ويا ريگستان ۾

درگاهہ پرچونديءَ شريف، جو وڏو ڪردار آ
پياري پاڪستان تاهڻ ۾، نالو نروار آ
سائين پورل ڪئي پلائي، انگريز ويو ارمان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ســـدي ڳچي نفيس چولو، پيارو آهي ديس ۾
دســتگيري هيءَ جماعت، ٿي وٺي واهه ويس ۾
مٽ نه مرشـــد جو ڪيان ڪو، جرمني جاپان ۾

پير ســائين عبـــدالخالق، ڪي خدا آبـــاد ڪر
تاقيامت پرچوندي، ڪي، سرهو ۽ تون شاد ڪر
رحمتن جا روز شــــــب پالوٽ ڪر ايوان ۾

جا فضائل فيض وارا، مون ڪري سگهندس بيان
قرب وارن جون ڪرامتون، جا ڪندي ظاهر زبان
”ملڪ صادق“ ناهي طاقـــــت مون نذر نادان ۾

آءُ گهٽ گهٽو گهٽ جيڪي گهٽ تنهي ڪان گهٽ
ڪلني ۾ آءُ ڪوجهڙو نا هين سيرت صورت مون وٽ
ڏڏن جو بــــــ ڏڏ آءُ ســـــاجن منهن مَ مٽ
بـــي ســـرن ۾ بـــي ســـري صادق ڪي نه ســـٽ
لالڻ لوڙه لٽ اچي حبـــيب پنهنجي هٿن ســـان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: رب پيدا ڪيا لک پير تنهنجي ڳالهہ نرالي آ

## نذرانہ عقيدت

### خانقاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف

ڇڏي دنيا جا دڳ يار تون، پرچوندي شريف ۾ آ
تيندءِ دلڙي باغ بهار تون، پرچوندي شريف ۾ آ

الله وارن جي در تي جهڪي ڏس
ڇٽنگ محبت واري رکي ڏس
ويندءِ گوندر غم غبار، تون پرچوندي شريف ۾ آ

دير نہ ڪر دلگير نہ ٿي تون
بي مرشد بي پير نہ ٿي تون
ڪجهہ سوچ تہ ڪر ويچار، تون پرچوندي شريف ۾ آ

الله رسول جي جت آ ٻولي
چو نہ جهلين تو اتڙي جهولي
در در چورلين بيڪار، تون پرچوندي شريف ۾ آ

دامن پڪڙ تہ فيض ٻ ملندءِ
"صادق ملڪ" چئي ياڳ ب کلندءِ
ڪندءِ پرور ٻيڙا پار، تون پرچوندي شريف ۾ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرز: مهتاب چوان يا گلاب چوان

نذرانہ عقيدت
مرشد و مربي خانقاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف
جي شان ۾

تنهنجو شان عجب داستان عجب، تنهنجي ٻچپڻ جو آ بيان عجب
پاڪ پروردگار جا پرين پيارا، منهنجا مرشد پرچوندي وارا
جڏي جيءَ منهنجي جا جيارا، منهنجا مرشد پرچوندي وارا

پشت مبارڪ پدر ۾ آئين، وقت جا پيو تون غوث جهڪائين
پيو جيلاني لڙي، مون ڏٺو آ پڙهي، ڏٺا نينهن جا جنهن تہ نظارا

تر ۾ تولد تنهنجو مشهور آ، پرچوندي شريف ۾ چمڪيو نور آ
ماٺهو ڳالهيون پيا ڪن،هِن هُن کي چون، رکي روزا تو ڪٽڙو سارا

قرآن شريف جي ٻولي ٻاجهاري، پير ڳوٺ ۾ تو جڏهن جهونگاري
لوحِ محفوظ مان پيو قرآن لهي، ائين لکي ويا پير پاڳارا

اسم مبارڪ يارِ غار آ، رب ۽ رسول جو توسان پيار آ
تنهنجي عزت اعليٰ ڪئي باري تعاليٰ، لاهہ مسڪينن جا مونجهارا

"صادق ملڪ" هي گولو غلام آ، ٻچڙن سوڌو سائين سام آ
اهڙو قرب ڪري ڇڏيو هنيانءُ ٺري،جيئن سرها تين مون پارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مختصر

# لوڪ ادب جون لاتيون

# لوڪ شاعري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## حمد باري تعاليٰ

### ڪڙو منجهہ ڪڙيٰ

تون آن قـــــادر ڪريم، رحمان تون آن
تون آن عليم حـــليم، ســـلطان تون آن
تون آن سميع و بـــــصير، منان تون آن
تون آن حـــاضر و ناظر،حـــنان تون آن
تون آن واحد والي، ڪندو احسان تون آن
تون آن خالق و مالڪ، ذيشـــــان تون آن
تون آن پرور منور، سبحــــــان تون آن
تون آن حاڪم حڪيم، حڪمران تون آن
تون آن "صادق ملڪ" جو نگهبان تون آن

## سينگار

### ڪڙو منجهہ ڪڙي

سچڻ تون سهڻو تون، سهڻن جو سردار
سردار تون سرور تون، پيغمبر پڳدار
پڳدار تون پيشوا تون، مڙني جو مهندار
مهندار تون مختيار تون، يتيمن جو يار
يـار تـون دلدار تون،اڙيـن جـو آڌار
آڌار تون احمد تون ڪامل قربــــدار
قربدار تون ڪريم تون، محبوب مٺيادار
مٺيادار تون مرسل مان، "صادق" گنهگار
گنهگار گدلو مان، عربي تنهنجي آسري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سينگار

کهڙي لکان سائينءَ جي، ساراهه مان سٽن
مهتاب منهن محبوب جو، پلي پيٽ ڪن
پر هزارن جي هار ٿيندي، اکيان محبوبن
لعل لب لالڻ جا، آءُ چوان چا چپن
موتيءَ کان وڌ دندان پرينءَ جا، ڏوڙر سپ ڏرن
ناز پيري جو نوز ڏسي، هت چتون ڪين چڱن
ترنگهه تليهر تجليون ڏين، وڌ وار ته واسينگن
گام پسي سپ گنيرهڪدم، وائڙا ٿي ته وڃن
چهبڪ چيلهه چريا ڪيا چيتا، نڪي هام هڻن
شمس و قمر شرمايا بيئي، اوڏو ڪين اچن
"صادق" ڪيئي صدقي ٿيا، قربان اتي قدمن
ڪو "عاجز" عجيبن، مٽ نه آهي "ملڪ" چئي

## سينگار ۾ پنو ڏهس

اليهر تليهر وسيهر، وارن سندا ونگ
ڪِرڻ ڪيس ڪلهن تي، تجليدار ترنگ
ته ملهار مينگهه مستان ٿئي، پسي بادل رنگ
زلف سهڻا مشتاق موهي، هڻن ڏوران ڏنگ
ڪنبي ڪڪر ابر ڪيئي، وڃن تا اڙبنگ
وار واسينگ گلالڪ گيسو، ڪيا مست ملنگ
اب اگر سارنگ سسايا، ڪاڪل سهڻي سرنگ
آهيون سيئي پروانا پتنگ، ان سجڻ جا "صادق" چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## صفاتي سينگار

صفت ثنا هرهر ڪيان، دلبر دلي دلدار جي
اکڙيون اتم نازڪ جسم، آيو سجڻ سينگار جي
دندان موتيءَ جي مثل، ڏوڏر ڏرن ڏهڪار جي
قدم ڪٽي گوهر وٽي، گهڻيون وجن هٻڪار جي
ملڪين مگر آ سربسر، بس گفتگو منهنجي يار جي
لبين لال موتي ٿا ڪرن، تاثير آ گفتار جي
ڪنول ڪڍن سمبل سمن، ڪهڙي ييٽ ڪيان رخسار جي
ڏينهن رات آ لبين لات آ، محبوب مٺيادار جي
يادِ پرين دل ۾ سدا، آهي پچر پڳدار جي
اچ تون اگڻ سهٽا سجڻ، عادت نٿي انڪار جي
ٽوڙ وڻ نه ايندو اڳ ۾ آ، درڪار آ اشعار جي
يا خدا ڪر آس پوري، ٻهڳڻ جي ٻانهن هار جي

نوٽ: هي شعر صنعتي آهي، هر هڪ مصرع جو پهريون اکر ملائڻ سان شاعر جو نالو ذات ۽ ڳوٺ جو نالو ظاهر ٿيندو.

(صادق ملڪ ڏياڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نصيحتي بيت

پريت منجهان پاڻ پُري، پڙ قـــادر جو قـــرآن
وعتصمو بحبـل الله جميع ولا تفرقـو آ،فائق جو فرمان
بسـم الله الرحمن الرحـيم چئي، پڙهه فهميده فرقـان
واطيعو الله واطيعو الرســـول، آ بـــاريءَ جو بـــيان
مـوڳا مـار مـن کـي، متـان اڳتي ڪريـن ارمـان
چو تـہ اعزازيل انڪار ڪيو، خدا ڪيس شـــيطان
وٺ واٽ واحـــد جي، ٿـيءُ صحـــيح مســـلمان
هڪ خدا هڪ رســـــــول، نہ الڳ ڪر اعلان
مزو ايندءِ مســـــــجد ۾، آءُ ســـــــڻي آذان
چو تـہ ڪل نفس ذائقـة الموت، تـو ائين چوئي رحمان
دنيا فاني دوســـــت ڇڏيندين،جوڏئون هيءُ جهان
جوان جڳهہ تنهنجي آهي، اصل قبرســـــــتان
هاويہ واري هوا ڪندءِ پيارل پريشــــــان
مولا شـــل مهر ڪري، مون عاجز تي احســـان
ناهين ثـمر "صادق"چوي، ســـاڻ ڪوئي ســـامان
شل تـئي مالڪ مهربان، اسان مڙني متان "ملڪ" چئي

## التجائي بيت

پروردگار پارت تـي، مـون نيڪـي ڪئـي آ ڪانـہ
افســــوس هاڻي هٿ هٿندي، مون الاهي ڪيو ارمان
وقـــت جو قـــدر ڪين ڪيو، مون غلط ڪيو غلطان
مڙئي منداين معاف ڪجانءِ "صادق"چئي سبحـــان
ڪري رحم مون تي رحمان، ڪر احسان مون عاجز تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## بيت

تون اعليٰ تون افضل، تونَ پرين تون پاڪ
ناهي ثاني تنهنجو سنسار ۾، هرجاءِ تنهنجي هاڪ
تنهنجي ڪري تاج ڏٺي، جڙي زمين ۽ افلاڪ
جن ملائڪ حوررون پريون، آدمي با اخلاق
سوَ صلواتون ”صادق“ پڙهي، ”ملڪ“ ٿيا مشتاق
اسين چاهت ۾ ٿيا چاڪ، آهيون دلبر تنهنجي در جا

پارت ٿئي پوءِ واري ڪجان، پيغمبر پيارا
ڪلئي ڪر ڪوجها ٿئي، ساجن مون ۾ سارا
بس! واهر ڪجانءِ بي واهن جي، پورل تون ٻلارا
گهوٽ مديني وارا، آهيون عاجز تنهنجي آسري

سوين سهڻا گهمن ٿا پر، منهنجو دلدار ٻي شيءِ آ
ورائي وار ڪري سينگار، مٺو منٺار ٻي شيءِ آ
سوين ”صادق“ ويا سڻجي، حسن جي تاب تجلي ڪان
ٻڌهن مرڪي سڄڻ سرڪي، ڪري سينگار ٻي شيءِ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ڀهاڪو

ٻي سمجهه سان ڪڍهن نه، سنگت رک سري
ڪر عقل ڏي ڪين وچ تون، چاهئون يار چري
ڏاهن ساڻ ڏيهه ۾ پريت رک پري
اٿئي وينجهار پڌرا ويڙهي ۾، جيئن جوئر منجهه تري
سگهڙ دولت سيا ٽپ جي، ڏيندءِ اڻ گهري
ٻغض دغا ڪوڙ گلا، اٿئي ٻات ٻري
جي پرهيز اها پاڻ نه ڪندين ته، پوندين پتر جيئن پري
اڄ "صادق" چڏ سني هيءَ، چنيدڙ چري
پوءِ سگهڙ پاڻ پري، ڏيندءِ مان "ملڪ" چئي

پاپي ڪر نه پاپ، تون ڏاڍا چڏ ڏاڍائي
کهڙو مزو اچئي تو موذي، ڪندي مسڪينن سان منڌائي
وٺندءِ ڪين واحد ڪي، اها وائڙا تنهنجي وڏائي
ٻول نه ٻولي ٻيائيءَ جي، ٻرا چڏ ٻرائي
ڪٽ چاڙهين تو قلب تي، چڏي چر چڳائي
هي دم گذر دنيا آهي، آهين ڏينهن اڍائي
صادق چئي صداقت سان، رک سيني منجهه صفائي
اڳرائي چڏ اٻوجهن تي، ڪر رحم جي رسائي
جيئن ساراهه هلءِ سنسار ۾، ڪر سڀ سان ڀاءُ ڀلائي
وٺ واٽ اهڙي تون جائي، ته ملندءِ مان "ملڪ" چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٻهاڪو

ياد هميشہ ٻندا ڪر تون، پرور پاڪ ڏٺي
راهہ وٺ رسول جي، تہ پوندءِ عيب ڇٽي
قادر جي قرآن سان تون، محبت رک گهڻي
وچ پنجن سان پڪو ٿي، تون واحد کي وٺي
گلا ڪنهن جي ڪيمَ ڪجِ، ڪائي ڳالهہ سٽي
بدبوءِ نہ ويندءِ وات مان، ڌوئين عطر سان ڪٽي
گلا ڪوڙ بغض جو ڇڏ هاڻي لاپ لٽي
الفت جي ڪا اندر ۾، تون پيدا ڪر ڪٽي
جي محبت وارا "ملڪ" چئي، تون تاڻ نہ ڪنهن سان تٽي
پوءِ هڙني ملهہ هٽي، ويندين صداقت ۾ "صادق" چئي

قدر ڪر وقت جو، نہ اجايو وقت وڃاءِ
ويل وقت نہ وري ايندءِ، ناتو نيهن نڀاءِ
قالو ٻلٰي جي قول کي، وري وري ورجاءِ
اهي ڪم ڪسا قلب مان، ٻورل يار ڀلاءِ
سک صداقت "صادق" چئي، پيچ پرينءَ سان پاءِ
ٻاجهاري ٻولي کي، هينئين سان هنڊاءِ
عداوت دوري دغا کي، نہ تن اندر ترساءِ
پيار پريت جي پيچري تي، پنهنجي گاڏي کي هلاءِ
پيو ڳڻ پرينءَ جا ڳاءِ، جيسين جيئرو آهين جهان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

### ڏور جو بيت

اها مور محب جي، ڪونج نه ٿي آ ڪچي
هاٺي ٿي هوت جي، رهندي سنگهار سچي
پوءِ نه سرهو ڪيس "صادق" چئي، عجيب پاڻ اچي
بس ويندو بيت بچي، اوهان مڙني ڪان "ملڪ" چئي

ٻڌائي: پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ هڪ ڪراڙي عورت اچي ٿي ۽ عرض ڪري ٿي ته سائين دعا فرمايو ته مان جنت ۾ وڃان. محبوب سائين جن فرمايس ته ڪراڙا ماڻهو جنت ۾ نه هوندا. جڏهن ان ٻڍڙي عورت اها ڳالهه ٻڌي ته ڏاڍي غمگين ٿي روئندي امان عائشه صديقه رضي الله عنها جي خدمت ۾ حاضر ٿي سارو احوال عرض ڪيائين. مٿان پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻه آيا ۽ فرمايائون ته جنت ۾ سڀ نوجوان هوندا ڪراڙو ڪو به نه هوندو. اها ڳالهه سمجهي ٻڍڙي عورت ڏاڍي خوش ٿي.

جوڙيءَ مان جيڪڏهن ڪو، ويندو آ وڇڙي
ته ارمان ٿيندو عاشقن کي، ناحق ويا نڪري
پر پلو ٿيو پلي وئي، هو ته ڪري هڪڙي
اڄ ٻه ڪي ڪي اچن ٿا ڪونج ڏي، وڏائي وڪڙي
ڪي نر ڦٽائي نندڙي، ٿا سهي اچن "صادق" چئي

ٻڌائي: هيءَ ڏور نماز تي آهي، نماز 50 وقت هئي ٻڙي ۽ پنج مقرر ٿي، پاڻ سڳورن ﷺ جي امت تي الله سائين عنايت فرمائي پنجاهه مان پنج وقت مقرر فرمائي. يعني ٻڙي هلي وئي ۽ پنج باقي رهيا ڏور جو بيت ٻڙي ۽ پنجن تي رکيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏور جو بيت

نڪي مٺا ڪلئي مقابلي ۾، نڪي ترڇيو تن ڪي تير هو
جتي جنگ جو نيل هئي، اتي پاڪ پهچايو پير هو
اول نه آخر مان نڪي وچ مان وراٽيو وير هو
جيئن ڪيو محب مٺي مير هو، ائين سيئي نه ڪندا "صادق" چئي

پيڄٽي: هيءُ ڏور جهار واري مسئلي تي رڪيل آهي. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ وضحيٰ سورت پڙهي شوڪاري ته جهار (جهرڪيون) اڏري هليون ويون.

ڪريم بخش ڪوڙل ڪيو، گل حسن نه غور
الله بخش عبدالقادر ڪي ڏسي، ڏنو ضامن علي زور
پوءِ ته اهڙو سرهو ڪيس سڄڻ، ٿيو باحياتي نه بور
ضررو ڪلندي ڏور، پر ڪنهن مام سان "ملڪ" چئي

پيڄٽي: هيءُ ڏور ان يتيم ٻار تي آهي، جڏهن عيد جي ڏهاڙي هر هڪ هن ڪي روئندو ڏسي هليو تي ويو، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن اچي پڇيا ڪيس ته پٽ ڪير آهين ۽ ڇو ٿو روئين. پوءِ يتيم ٻار سڄي حقيقت ڪيس ٻڌائي، پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪيس نوان ڪپڙا پارائي عيد گاهه ڏانهن وٺي ويس ۽ ڏاڍو خوش ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ناڪاري ڇٺو ڳٽو

لاٺين ڪٺي نہ لاٺين مين، ٻلي ٻـــــــلب ٻري
ڇَلِ ٻٺـــي چونـــ ٻيـــو ڪڙمـــي ڪـــر ڪـــري
اڄ ملاح ســــــــاڻ مڇي، نٺي مور مري
ڇو سگهـــڙ مائـــي "صـــادق" ڇٺـــي، ٻرت ڪـــين ٻري
جيئن منهنجو من ٺري، اوهان ڇٺو ڳٽو ڳوليو چاهہ مان

ٻجهٽي: ڪنڊي ناهي

## هاڪاري ٺڳٽو

هي سڌبـــي ڪڇهري ســـياري جي، ههڙو ڏســـي حـــال
رانديگر راند ۾ ســـــــــــرهو رهي في الحال
ٻـاهہ سان نسبـت شـهر ٻڌايو، سمجهي منهنجو سـوال
ٺلي ٺڳٽو احـــوال، اوهان سگهڙ ٻڌايو "صادق" ڇٺي
ٻجهٽي: مچ آ

## هاڪاري ٺڳٽو

لڳ لوســـــــــــــڻ جي ايٺ اوڳاري
لٺ انڊي ڪي روڪي ٻـــــــــــيهاري
سوَڙِ ســــــــاڙي ٻـــــــــاهہ ٺي ٻاري
سگهڙ "صادق" ســـــــــالڪ ســـــــاري
ٺلـــي هـــــي ٺڳٽــــو چونـــــ ٻڌاري

ٻجهٽي: ڇري آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نظم

سالئون سال آهيون، غمن جي گهيري ۾
ويا آهيون ڦاسي، ٻمن جي گهيري ۾

ڇڏيو ڳوٺ ڳيرن، آيا ڪانو ڪاهي
ڀڪيئڙا ٻه ناهن، امن جي گهيري ۾

چُنن تا چڊن جيئن، مسڪين سمجهي
اسين ٻال وانگي، لمن جي گهيري ۾

ڏاڍو سو ڳاڀو، هنبوشيون هٿي تو
ويو اشراف اڙجي، لچن جي گهيري ۾

ٻڪريءَ مثل ڌيءَ پئسن تي وڪٽي
وٺي وياج تي ويا، لکن جي گهيري ۾

ٻي اي پاس آهيان، نه ملي نوڪري آ
پيو آهيان ٽڪجي، ڪمن جي گهيري ۾

خزان ڪان اڳي باغ ”صادق“ سڙي تو
ناهيان ”ملڪ عاجز“ گلن جي گهيري ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نئون سال

لک شعر تازو، نئون سال آيو
اجهان چو نہ دلڙي توکي خيال آيو

نئين سال جي ڏي، مبارڪ سين کي
سنگتين ساٿين، ننڍن ۽ وڏن کي
سانگيئڙن جهانگيئڙن، مالوندن کي
ڏڻ ۽ ڏنارن، اوڙي پاڙيچن کي
پيرن فقيرن، سندس حاڪمن کي
ڀيڙن ڀروچن، لوهر لاشارين کي
ٻجاراٽي ٻاجڪاٽي، ڪونهارن ڪوسن کي
مهيسر ماڇي، مهاڻن ملڪن کي
نندواٽي ڏاهاٽي چولياٽي چانڊين کي
ڏي مبارڪ وٿاڻن وري مال آيو
اجهان چو نہ دلڙي توکي خيال آيو

ڦٽا گل گونچ، گلزار ڏس تون
سوسن سمن ۾، سينگار ڏس تون
چنبيلي ۽ موتيو ۾، مهڪار ڏس تون
ڪڙيو چنڊ چوڏهين جو، چمڪار ڏس تون
ٿي سرهائي سونهي، چؤڌار ڏس تون
ٻيا ٻار ڪليو ڪن، ڪيڪار ڏس تون
پهريا ٽوپي اجرڪ، روعبدار ڏس تون
هي سنڌي سڀاجها، سمجهدار ڏس تون
مزدور ڪڙمي ۽، ڪمدار ڏس تون
وري موٽي جوين ۽ جمال آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏس پکيئڙا ٻـــ پنهنجي، پر ۾ ســـونهن ٽا
ٽلـي ٽـام ٽـاريءَ ٽـي، لهـن ۽ چڙهـن ٽا
ڪـري چون چون چانـــڊول، چڙيـــا چون ٽا
آئي رت بســـــــــــنت جي، اها لات لنون ٽا
بلبـــــلا ٻـــ بـــاغن ۾، جهمريون هڻن ٽا
هنـج مـور آڙيـون، ڳـائـي نغمـا نچن ٽا
ولر ٽـاهي وهوا، هو ســـــــــــــهڻا لڳن ٽا
اســـــــــــــــــر ويل الله هُو هُو ڪرن ٽا
ياد پکين کي ٻـــــــــــ پرور ۽ لڄپال آيو
ايـــان چو نـــ دلـــڙي، توکـــي خيـــال آيـــو

لک ٻـــــــــيت ڪافي ڪا، وائي لکي ڇڏ
"صادق" سراســـــــر، ســـــچائي لکي ڇڏ
ســـن ٻهه هزار هڪ جي، ابـــتدائي لکي ڇڏ
ماضي ۽ حـــــال جي ڳالهه، ڪائي لکي ڇڏ
واهياتـــن جـــي وائـــڙي وڏائـــي لکـــي ڇڏ
نـــ ملـــي نوڪـــري آ، ڪائـــي لکـــي ڇڏ
آهيان ٻـــــي اي پاس، ســــا ئي لکي ڇڏ
گهر ايم اين اي جي پاڙي ۾، جائي لکي ڇڏ
توريان ٿو تمبــــــاڪو، پيو لائي لکي ڇڏ
اڇي وٺي مونکي ٻـــــــ، توائي لکي ڇڏ
اڄ اندر مان هي عاجز، احـــــــــــوال آيو
ايـــان چو نـــ دلـــڙي توکـــي خيـــال آيـــو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## مسدس

### نذرانہ عقيدت

### حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه

سـنڌ جو تون آھين، سـلطان ڀٽائي
سـنڌ مٿان تنھنجو آ، احسـان ڀٽائي
تنھنجو خدا بـلند ڪيو شـان ڀٽائي
پيغام تنھنجو ترجمہ، قـرآن ڀٽائي
پيار محبـت جو اھڃو، درس ڏنو تو
امن سـلامتيءَ جو سبـق، سـرس ڏنو تو

تنھنجا پڙھي بـيت، بھتر ٿو بـدن ٿئي
مشـڪ عنبر ڪان، معطر ٿو بـدن ٿئي
سـياہ انڌوڪار، منور ٿو بـدن ٿئي
گند غلاظت ڪان، بـرتر ٿو بـدن ٿئي
سرشار ٿئي ساھ ٿو، پڙھي تنھنجو رسالو
شـاھ تنھنجو نالو آ، دنيا ۾ نرالو

ڀٽ جا ڏٺـي گھـوٽ، ڀٽائـي تـون ڀلارا
فيـض تنھنجـو جـاري آ، جـيءَ جـا جيئـارا
ڪا سـار لھہ "صادق" جي، پرين پيارا
ڪرم پنھنجي سان ٽاريو، مشڪل مونجھارا
در تـي جھلي جھـول اٿـم، ڀر جھـول ڀٽائـي
دل تـان لاھـہ مونجھـہ ۽، ملـول ڀٽائـي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نذرانه عقيدت
## حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه

اســـــــان جو رهنما، رهبر ڀٽائي
عشـــــقِ نبيءَ جو آ، سمندر ڀٽائي

ڀٽائي ءَ جي بيتن ۾، صداقت جي وائي
محبت عقـيدت، عبـادت جي وائي
شـرافت، شـجاعت، شـهادت جي وائي
امامت، عدالت، عنايـت جـي وائـي
فصاحـت، بـلاغت، نذاکت جي وائي
ڀٽائـي آ مهتـابِ منـور ڀٽائـي
عشـــــقِ نبيءَ جو آ سمندر ڀٽائي

وحـــــدانيت جي واٽ، وارو لطيف آ
حـــق ۽ ســـچ جو، نعرو لطيف آ
پيـار ۽ پريـت ۾، پيـارو لطيـف آ
سـدا سـانگيئڙن، جيءَ جيارو لطيف آ
سگهڙ شـــــاعرن ۾، نيارو لطيف آ
ســــنڌ آ لطيف ۽ گهر گهر ڀٽائي
عشـــــقِ نبيءَ جو آ، سمندر ڀٽائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book